# سرسو

## ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو



## سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

چھ ماهي

# سرسو

جولاءِ 2016 کان ڊسمبر 2016


**ايڊيٽر**

**نويد اسحاق ميمڻ**
مئنيجر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**ايڊيٽوريل بورڊ**

**نثار احمد پناڻ**
مئنيجر NRM
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**نياز احمد هنگورو**
ريجنل مئنيجر - II
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**غلام رسول سميجو**
ريجنل مئنيجر III
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**زبير سومرو**
مئنيجر آءِ.ايم.ايس.ڊي
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**عبدالوحيد ٻرڙو**
ڊسٽرڪٽ مئنيجر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
**بخت علي ابڙو**
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن


**اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن.**

(القرآن)

## هن شماري ۾......


- ايڊيٽر پاران ........ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ........ 3
- ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول لٿو خان مهر جي افتتاحي تقريب ۽ ڪميونٽي ڪانفرنس ........ 4
- يورپي يونين جي سفارتڪار جا ضلعي دؤرا ........ 7
- ٿل جي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن نيٽ ورڪ ........ 13
- ڪاميابيءَ طرف وڌندڙ قدم ........ 15
- اوکي وقت ۾ ڪارائتي صحت پاليسي ........ 18
- تبديليءَ جو سفر ۽ رخسانه........ 20
- ايل ايس او ”اقراءِ“: جيڪب آباد جي هڪ مثالي تنظيم ........ 22
- جتي ارادو مضبوط هوندو آهي اتي پٿر پاڻي ٿي ويندو آهي ........ 25
- سرسو جي سرگرمين جو تصويري ڏيک ........ 27
- ڏکيون جان نہ مِــڙن ........ 32
- بزرگن واري پراجيڪٽ جو احوال ........ 34
- هڪ متحرڪ ڪارڪن ........ 36
- اميد جو ڪرڻو ........ 38
- گڏهہ، گھوڙن ۽ خچرن جي فلاح وارو پروجيڪٽ ........ 40
- وزير اعظم جي بنا وياج قرض اسڪيم ........ 42
- همٿ وارن جو جهانُ ........ 43
- نوڪري يا ڪم ........ 45
- سرسو پاران ڳوٺاڻن لاءِ هيلٿ انشورنس پاليسي ........ 48
- حصولات واري شعبي جون سرگرميون ........ 50
- سوهانجڙو ........ 51



رابطي لاءِ ڏس پتو

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**
سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر.
فون: 071-56271820 فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ www.srso.org.pk

هيڊ آفيس **سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**
سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر

# ايڊيٽرپاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جي راهه ڪان هٽيل طريقن، ريتن ۽ ٻي جا رسمن بجاءِ ترقيءَ جا اهڙا طريقا ۽ نظام متعارف ڪرائجن، جن سان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي مٿان غربت جي چڙهي ويل ڌڙُ ڪي لاهي صاف ڪجي ۽ ڳوناڻن ڪي پنهنجي مدد پاڻ تحت واري فلسفي جي اصولن تي هلندي ڪين ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪندي ڪاميابين جا نوان داستان رقم ڪجن.

چوندا آهن تہ تبديلي لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي پر مان ان ڳالهہ ۾ ٿورو واڌارو ڪندس تہ تبديليءَ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ تہ ڪرڻي ئي پوندي آهي پر جڏهن اها تبديلي فردن بجاءِ سموري معاشري سان وابسطہ هجي ۽ ان تبديلي جو مقابلو سماج ۾ سَوَن سالن ڪان پاڙون مضبوط ڪري ويٺل ناقص نظام سان هجي تہ پوءِ ان تبديليءَ لاءِ مستقل بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن تبديليءَ جي انهيءَ سفر ۾ ڪي رڪاوٽون اچي ويون تہ پوءِ اهو سفر اجان بہ گهڻو ڏکيو ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري اهڙي ڏکئي سفر تي هلندي اسان ڪي پنهنجون حڪمتِ عمليون بہ تمام گهڻي مهارت سان جوڙڻ جي ضرورت آهي. سرسو سان سلهاڙيل ٽيم نہ صرف تجربيڪار آهي پر باهمت پڻ آهي. جنهن ۾ مسڪين ماڻهن جي تڪليفن ڪي ختم ڪرڻ جو هڪ جذبو موجود آهي. جيئن تہ سرسو ۾ موجود محنتي، تجربيڪار ماڻهن ۽ خاص ڪري محمد ڏتل ڪلهوڙي جي قيادت ۾ جهڙي طرح سرسو تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت خلاف جهاد جي الم ڪي اونچو رکيو ويٺي آهي تنهن جو مثال مشڪل سان ئي ملي ٿو.

اسان سرسو سان سلهاڙيل اهڙن ئي ڪردارن ڪي منظرِ عام تي آڻيندا آهيون ۽ اسان جو اهو عزم هوندو آهي تہ جن ماڻهن سرسو جي ڏنل تبديلي ۽ ترقيءَ جي رستي تي هلندي ڪاميابيون ماڻيون اسان انهن ماڻهن جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنتن ڪي ٻين تائين پهچايون تہ جيئن انهن ماڻهن جي همٿ، جذبي ۽ سندن زندگيءَ ۾ آيل تبديلين ڪي ڏسندي ٻيا ساٿي پڻ غربت خلاف جنگ واري ترقياتي پروگرام سان ڳنڍجي وڃن ۽ نہ صرف پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جي حالتن ڪي بهتر ڪن پر ان سان گڏوگڏ هن سماج جا ڪارائتا فرد پڻ بڻجن.

اميد آهي ٿا تہ اسان جو هي سفر جاري ۽ ساري رهندو ۽ اوهان جي ڪيل محنتن ڪي سرسو جيڪا ميجتا ڏني آهي ۽ اسان ڪي يقين آهي تہ سنڌ جي هر واهڻ وستيءَ ۾ رهندڙ غريب ماڻهن ڪي هڪ ڏينهن ضرور مانُ ملندو ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت جي عزم سان هڪ ڏينهن ضرورو ڪاميابيون ماڻيندا.

**نويد اسحاق ميمڻ**

# پيغام

سماجهڙي سنڌ جي غريب ماروئڙن جو تعلق ڀهراڙين سان آهي. اسان جا ڳوٺ وستيون ۽ واهڻ بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن، جتي صحت، تعليم، امن امان، روڊ رستا، روزگار جا وسيلا نہ هجڻ جي برابر آهن. اتان جا غريب ماڻهو، جيڪي بک، بيروزگاري ۽ غربت جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهن، انهن جي معاملن کي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن غريب ڳوٺاڻن لاءِ روشن سج جيان اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هي ادارو انهن غريب ڳوٺاڻن خاص طور تي عورتن جي جاڳرتا ڪندي سندن لڪيل صلاحيتن کي اپاري تہ جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهندي پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت کي نيڪالي ڏئي سگهن.

سرسو اهڙو ڪم سنڌ جي 11 ضلعن ۾ تعليم، زراعت، مال مويشي، هنري ۽ سلائي ڪڙهائي، ڳري مشينري جي ڊرائيونگ ۽ فني سکيا وغيره جي مد ۾ غريب ماڻهن سان گڏجي سڏجي ۽ سلهاڙجي ڪري ڪم ڪري رهي آهي تہ جيئن سندن زندگي ۾ آسودگي جهڙو خواب ڏسي پسي سگهجي. ۽ سرسو جا سماج سڌارڪ ڏينهن رات غريبن کي منظم ڪندي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي رهيا آهن تہ جيئن منظم ٿيندي سندن جي زندگين مان نااميديون، نراسايون، مفلسيون ختم ڪندي ڪين خوشحال ۽ پرامن زندگين طرف وک وڌائي سگهجي. ۽ هو آمدني ڪمائيندي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن لاءِ ڪارآمد ۽ مستقبل جا معمار ثابت ٿي سگهن.

اسان جون ڪيل ڪوششون روشن سج جيان سيني جي اڳيان آهن جنهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صاحب اختيار ادارن، سرڪار ۽ ڳوٺاڻن جي مدد ۽ ساٿ جي اڄان بہ وڌيڪ ضرورت آهي.

مان اميد ٿو ڪريان تہ اهڙي جدوجهد جاري ۽ ساري رهندي ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جا ڳوٺاڻا ترقي يافتہ ڳوٺن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا.

**ساٿ سلامت**

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيسن سکر

# ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول لڏو خان مهر جي افتتاحي تقريب ۽ ڪميونٽي ڪانفرنس جو اکين ڏٺو احوال

عبداللطيف سومرو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - سرسو شڪارپور

اهو جهڙالي موسم وارو ڏينهن هو ۽ برسات جون بوندون وَسِي رهيون هيون ۽ مِٽي پنهنجي هبڪار سان ماحول کي مهڪائي ڇڏيو هو. انهيءَ مهڪندڙ موسم ۾ شڪارپور جي چيئرمين آغا مسيع الدين خان ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول لڏو خان مهر تعلقه ڳڙهي ياسين پهچي اسڪول جو افتتاح ڪيو ته جڻ سڄي ماحول کي چارچنڊ لڳي ويا ۽ معصوم شاگرد ۽ شاگرديائڻين جي چهرن تي مرڪون اچي ويون.

انهيءَ موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور، سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، غلام رسول سميجو، عبداللطيف سومرو ۽ ڳوناڻين تنظيمن جا ميمبر ۾ پڻ موجود هئا.



تفصيلي معلومات وٺڻ کان پوءِ آغا مسيح الدين دراني اسڪول جو معائنو ڪندي ڪلاس روم، ڪمپيوٽر ليب، سائنس حال، واش روم ڏٺا ۽ ٻارن کان سوال جواب پڇيا ۽ تسليءَ جو اظهار پڻ ڪيو. ضلعي چيئرمين جي دوري دوران سرسو جي ضلعي مئنيجر عبداللطيف سومري تعلقي ڳڙهي ياسين ۽ ضلعي شڪارپور ۾ ٿيندڙ مختلف ڪمن ڪارن جي حوالي سان آگاهي ڏني، خاص طور تي تعليمي سرگرمين بابت ڪم ڪار ۾ دلچسپي ورتي.

آغا مسيح الدين دراني ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ڳڙهي ياسين سرسو جي خدمتن کي ساراهيندي وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت سرسو سان گڏجي جيڪي منصوبا شروع ڪيا آهن. يقينن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جي تقدير بدلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اسان کي اميد آهي ته سرسو هن پلائيءَ جي ڪم ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀائيندي ۽ هن ميڙاڪي مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته سرسو جي ٽيم هنن غريبن لاءِ تمام سٺو ڪم ڪري رهي آهي. ۽ اميد ٿي ڪجي ته آئنده به پنهنجو ڪردار بهتر نموني سان سرانجام ڏيندي رهندي.



اسڪول جي افتتاحي تقريب کانپوءِ آغا مسيح الدين خان دراني ساٿين سميت مقامي ادارن جي نيٽ ورڪ ”اميد“ تعلقه ڳڙهي ياسين پهچي ڪميونٽي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، جتي پڻ اسسٽنٽ ڪمشنر ڳڙهي ياسين عثمان عبدالله سرسو ريجن شڪارپور جو ريجنل پروگرام مئنيجر غلام رسول

سميجو ۽ سرسو جي سرواڻ محمد ڏتل ڪلهوڙو ۽ انتظاميہ جي چونڊيل نمائندن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري ڳوناٺين پيرن کي ماڻ بخشيو.
تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي تلاوت کان پوءِ سيني آيل معزز مهمانن کي اجرڪ جي سوکڙي پڻ پيش ڪئي وئي. تنهن بعد سرسو ضلعي شڪارپور جي ضلعي مئنيجر عبداللطيف سومرو سيني آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪندي ڪميونٽي ڪانفرنس جي مقصدن تي روشني وڌي. ان کانپوءِ مقامي سهڪاري اداري ”اميد“ جي اڳواڻ هيرزادي تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ تنظيم پاران ڪيل ڪارڪردگيءَ جو حال احوال ٻڌايو تہ سرسو جي سهڪار ۽ ٽيم جي سماجي جاڳرتا سبب ٻهراڙين جي عورتن ۾ نہ صرف خوداعتمادي پيدا ٿي آهي، ڳڏوڳڏ عورتن کي پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻ پڻ ملي آهي. انهيءَ جو اندازو توهان انهيءَ ڳالھ مان لڳائي سگهو ٿا تہ: سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سائين قائم علي شاھ سنڌ اسيمبلي ۾ تقريري ڪندي، سرسو جي ڪم کي (يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام) هيٺ کي ڀرپور انداز ۾ واکاڻ ڪئي، ۽ چيو تہ هتان جي عورتن ايڪي ڀڏي جو ڀرپور مظاهرو ڪيو آهي ۽ تنظيمي عورتون منظم ٿي ڪري تمام وڏو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. جنهن جي حامي ان وقت جي اسپيڪر آغا سراج خان دراني پڻ ڀري. انهيءَ سان اسان جو حوصلو اڃان وڌيڪ مضبوط ۽ بلند ٿيو ۽ اسان جي عزت بہ وڌي. ڳڏوڳڏ اسان عورتن کي دلي خوشي ٿي تہ اسان جي ڪم کي مٿئين سطح تي پڻ ساراهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ حڪومت سنڌ ۽ سرسو جو اهم ڪردار آهي.



ان کانپوءِ مقامي سهڪاري اداري خوشحال نيٽ ورڪ (لکي) جي اڳواڻ مهناز پنهنجي تنظيم جي ڪارڪردگيءَ بابت تفصيل سان ٻڌايو. مهناز اداري جا ٿورا مڃيندي چيو تہ اسين اڄ جيڪي ڪجھ بہ آهيون، اهو سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي ڪري آهيون. چو تہ سرسو جي اچڻ سان اسين منظم ٿيون سين ۽ اسان ۾ شعور بيدار ٿيو. مهناز ان ڳالھ تي زور ڏنو تہ اسان جڏهن بہ مختلف ڳوٺن ۾ ڪم جي سانگي سان وڃون آهيون تہ اُتي اسان کي تمام گهڻي عزت ملي آهي. چو تہ اسين جيڪو بہ ڪم ڪري رهيون آهيون ان سان نہ صرف غريب ماڻهن جي زندگين ۾ بهتري اچي رهي آهي. ڳڏوڳڏ انهن عورتن کي معاشري ۾ پاڻ ڀرو ٿيڻ ۽ خودمختياري واريون منزلون پڻ حاصل ٿي رهيون آهن. مهناز لکي ۾ نهيل مقامي اداري جو ذڪر ڪندي چيو تہ 11 مان 7 لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن اسان جون آفيسون پنهنجيون آهن، جيڪي اسين پنهنجي مدد پاڻ تحت جوڙايون آهن. هن وقت جيڪو بہ ادارو

اسان جي تعلقي ۾ اچي ٿو. اهو اسان جي LSO سان گڏجي ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. اهڙي طرح اسين سڌو سنئون پنهنجي غريب ماڻهن جي سهائتا ڪيون ٿا.
انهيءَ کان پوءِ سرسو جي بنا وياج وارا چيڪ، هيلٿ انشورنس جا ڪارڊ، هيلٿ انشورنس جي ڪِليمن جا چيڪ، مائيڪرو فنانس جا چيڪ ۽ بينظير هائوسنگ سيل تحت مڪمل ٿيل گهر ۽ انهيءَ جي مالڪيءَ جا سرٽيفڪيٽ پڻ غريب عورتن ۾ مختلف معزز مهمانن جي هٿان تقريب دوران ڏنا ويا.
انهيءَ کان پوءِ تعلقي ڳڙهي ياسين جي پيپلز پارٽي جي صدر اعجاز منگيءَ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ”آئون اهو پهريون شخص هئس جنهن 2009ع ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام جي حامي ڀري ۽ ڪم شروع ڪرايو ۽ هاڻي بلڪل ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته جيڪو خواب محترمه بينظير ڀٽو غريب عورتن لاءِ ڏٺو هو اهو ڄڻ پورو ٿي رهيو آهي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو شڪارپور جيڪو ڏوهن ۽ جهيڙن جي ڪري مشهور آهي. اهو ساڳيو شڪارپور سياڻي پُرامَنُ ۽ غربت کان پاڪ علائقن ۾ ليکيو ويندو“.
ڊاڪٽر غلام رسول سميجو يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام تحت شڪارپور ريجن ۾ ٿيل ڪمن ڪارين تي تفصيلي روشني وڌي ۽ انهيءَ جي ڪاميابين تي خاص ڌيان ڏنو.
مدئجي ٽائون جي چيئرمين محترم نجف علي ڪماريو، ميڙاڪي ۾ موجود عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو ته ”اڄ هتي پيينرن جا جبل جيڏا حوصلا ڏسي اهو لڳي ٿو ته ڄڻ ڀهراڙين جي عورتن شهر جي عورتن کي ماتِ ڏئي ڇڏي آهي ۽ اهو سڀ توهان جي جدوجهد، سڪيا ۽ محنتن جوئي نتيجو آهي“.
اسسٽنٽ ڪمشنر ڳڙهي ياسين عثمان عبدالله، عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو ته توهان اسان جي لاءِ بهترين فوج وانگر ڪم ڪري رهيون آهيو، جيڪو سچ پچ ته ڪنهن عبادت کان گهٽ ناهي. توهان جو سمورو ڪم جيڪو تعليم، هنر، روزگار، گوناگون ترقي ۽ ملڪي سلامتي لاءِ توهان جون ڪوششون آهن اهي بلڪل ساراهه جوڳيون آهن. ۽ منهنجي آفيس ڪڏنهن به ۽ ڪنهن به ڪم ڪار لاءِ هميشه توهان جي لاءِ کليل رهندي.
آغا مسيح الدين خان دراني ضلعي چيئرمين شڪارپور، عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو ته اڄ مون کي ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته ڄڻ مان شڪارپور ۾ ناهيان بلڪ ڪنهن ٻئي ترقي يافته علائقي ۾ آهيان، جتي تمام عورتون بلڪل خودمختيار ۽ آزاد آهن. سچ پچ توهان جا حوصلا بلند ڏسي، آئون سرسو جي ست کي سلام پيش ڪريان ٿو. جنهن هنن عورتن لاءِ ڪم ڪيو آهي ۽ ڪري رهي آهي. مون کي هنن ادين جي هن منظم ميڙاڪي ۾ اچي ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. انهيءَ موقعي تي آغا مسيح الدين مقامي سهڪاري اداري کي پنهنجي طرفان هڪ مفت آفيس ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو ۽ اهو پڻ چيو ته مان هميشه توهان جي خدمت ۾ حاضر آهيان. ڇوته شڪارپور جهڙي علائقي ۾ توهان عورتن جي جدوجهد ۽ حوصلي کي ڏسي آئون توهان کي سلام پيش ٿو ڪريان.
آخر ۾ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙي يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام جي اهميت ۽ نتيجن تي روشني وڌي ۽ آخر ۾ تقريب ۾ آيل سيني معزز مهمانن جا ٿورا مڃيا. انهيءَ تي هيءَ ڪميونٽي ڪانفرنس جي تقريب پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي.

❊

# يورپي يونين جي سفارتڪار
# ايچ اي جين فرينڪوئس ڪاٽين جا ضلعي دؤرا

9 ڊسمبر 2016

بخت علي ابڙو
سينيئر پروگرام آفيسر ايم.اي.آر

**خلاصو:**

سڪسيس پروگرام جو بنيادي تصور، رورل سپورٽ پروگرام جي سوشل موبلائيزيشن جي تصور تي مشتمل آهي. سوشل موبلائيزيشن جو اهو يقين آهي تہ جيڪڏهن غريب ماڻهن ۾ موجود صلاحيتن ۾ ٿورو واڌارو ڪيو وڃي تہ هو پنهنجن مختصر وسيلن کي بهتر نموني سان ڪتب آڻيدي پنهنجي زندگيءَ جي معيار کي بهتر ڪري سگهن ٿا.

سڪسيس پروگرام جي مالي سهڪار يورپي يونين پاران ڪئي وئي آهي، جيڪو سنڌ جي 8 ضلعن ۾ هلي رهيو آهي. هن پروگرام جو مقصد غريب ۽ پنتي پيل گهراڻن کي سماجي ۽ معاشي سهائتا ڪندي سندن آمدني وڌائڻ لاءِ مختلف قسم جي سرگرمين لاءِ فني ۽ مالي مدد مهيا ڪرڻ آهي. هن پروگرام تحت سنڌ جي انن ضلعن ۾ 770،000 گهراڻن کي پاڙي جي سطح تي عورت ميمبرن کي منظم ڪيو پيو وڃي.

سڪسيس پروگرام مڪمل طور تي يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام (UCBPRP) جي طرز تي مشتمل آهي. سنڌ ۾ UCBPRP پروگرام حڪومتِ سنڌ جي مالي تعاون سان 2009 ۾ شروعاتي بنياد تي شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعن ۾ شروع ڪيو ويو. انهيءَ پروگرام جي شاندار نتيجن ۽ فائدن جي بنياد تي حڪومت سنڌ هن پروگرام کي وڌيڪ ٻين ضلعن تائين وڌائڻ جو اصولي فيصلو ڪيو، جنهن ڪانپوءِ جيڪب آباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ پڻ هي پروگرام شروع ڪيو ويو.



ڊسمبر 2016 ۾ يورپي يونين جي سفارتڪار مسٽر جين فرينڪوئس ڪاٽين پنهنجي گهرواري مسز سونيا ڪاٽين سان گڏ سرسو جو دؤرو ڪيو. سرسو ۾ ٽن ڏينهن جي قيام دوران انهن شڪارپور ضلعي ۾ UCBPRP پروگرام تحت هلندڙ مختلف عملي ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ منظم ٿيل عورتن سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي. ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ سڪسيس پروگرام تحت مختلف هلندڙ سرگرمين ۾ حصو ورتو ۽ منظم ٿيل عورتن سان انهن جي هن مهل تائين جي حاصلات ۽ مستقبل جي منصوبن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٻولهه ڪئي. ان ڪان علاوه يورپي يونين جي سفارتڪار، ڪشمنر سکر، ميئر سکر، چونڊيل ۽ لوڪل حڪومت جي نمائندن سان گڏجاڻيون پڻ ڪيون. جنهن ۾ عورتن کي بااختيار بنائڻ ۽



ڳوناٺي ترقيءَ ۾ سندن جي ڪردار جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ پڻ ٿي. ان سان گڏوگڏ مقامي سهڪاري تنظيمن جي نيٽ ورڪ (LSOs) ۽ ڳوناٺي تنظيمن جي عهديدارن سان تفصيلي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ عورتن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل اقدامات جو ذڪر ڪيو.

ٽن ڏينهن جي انهيءَ دوري ۾ حڪومتِ سنڌ طرفان UCBPRP جي مقرر ڪيل نمائندي ۽ RSPN جي دوستن پڻ حصو ورتو.

## UCBPRP ۽ SUCCESS پروگرام متعلق يورپي يونين جي سفارتڪار جي، فيلڊ وزٽ

يورپي يونين جي سفارتڪار جو سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي دوري ڪرڻ جو مقصد شڪارپور ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام ۽ سڪيس پروگرام اندر هلندڙ سرگرمين جو جائزو وٺڻ هو. ايچ اي جين فرينڪوئس ڪاٽين جڏهن شڪارپور ۾ هڪ LSO جي گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي. جتي سفارتڪار منظم عورتن ڪي ڏسي حيرانگي ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته مون ڪي اندازو نه هيو ته سنڌ اندر عورتون ايتريون منظم هونديون، ۽ پنهنجي ڪيل ڪارڪردگيءَ کي اهڙي بهتر طريقي سان پيش ڪنديون، ان مان صاف ظاهر آهي ته هي منظم عورتون پنهنجي علائقي لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهڻ جو حوصلو رکن ٿيون. مون کي اڄ هتي اچي نهايت سرهائي محسوس ٿي آهي ته سرسو جنهن پروگرام تي عملدرآمد ڪري رهي آهي اهو هڪ انتهائي اتساهيندڙ بنياد آهي ۽ اهوئي اصل ڪاميابي جو ضامن آهي.



وڌيڪ ڳالهائيندي ايچ اي جين فرينڪوئس ڪاٽين چيو ته سڪيس پروگرام جو مقصد بہ لاچار ۽ غريب گهراڻن کي خودمختيار بڻائڻ آهي ۽ خاص ڪري ڳوناٺين عورتن کي هڪ سگهارو آواز مهيا ڪرڻ آهي ته جيئن هو پنهنجي ڪميونٽي ادارن جون اڳواڻ ٿي سگهن ۽ پنهنجي ترقياتي ڪمن جي مالڪي ڪري سگهن.

لاڙڪاڻي ۾ وزٽ دوران جين فرينڪوئس ڪاٽين اهڙن ماڻهن جي گروپن سان بہ مليو جتي پهريون دفعو پروگرام متعارف ڪرايو پئي ويو. ۽ عورتون بہ پهريون پيرو ڪنهن پرڏيهي وفد سان ملي رهيون هيون، انهيءَ موقعي تي موقعي تي يورپي يونين جي سفارتڪار ايترين عورتن کي هڪ هنڌ ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ چيو ته مون کي ته ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي ته اهڙي پسماندهہ علائقن سان تعلق رکندڙ عورتون بہ منظم ٿي هڪ جاءِ تي گڏ ٿي سگهن ٿيون اِهو اسان لاءِ ڏاڍو دلچسپ آهي. سفارتڪار عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو ته اسان کي اندازو آهي ۽ آءُ محسوس ڪري رهيو آهيان ته روايتي طور سنڌ اندر هنن عورتن جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڪنهن حد تائين اجان بہ قابلِ اعتراز هوندو. پر انهن عورتن جو هن گڏجاڻين ۾ موجود هجڻ سچ پچ وڏي ڳالهہ آهي ۽ مان اهو سمجهان ٿو تہ اها هن سڪسيس پروگرام جي هڪ وڏي ڪاميابي آهي.

هن پروگرام کان پوءِ سفارتڪار هڪ ٻئي هنڌ هڪ ٻئي گروپ سان گڏجاڻي ڪئي. جتي سرسو سَڪسيس پروگرام اندر چار کان پنج مهينا اڳ ڪميونٽي آرگنائيزيشن تحت عورتن کي منظم ڪيو ويو هو. گڏجاڻي ۾ جين فرينڪوئس چيو تہ: سڀ کان وڌيڪ تعجب ۽ خوشي جي ڳالهہ اها آهي تہ بجاءِ سرسو جي عملي جي عورتون پاڻ پنهنجي ڪاميابين بابت ٻڌائي

رهيون آهن. ان مان اندازو ٿي رهيو آهي ته توهان سڀ منظم عورتون ان ڳالهه کان بخوبي واقف آهيو ته توهان ڇا ڪري رهيون آهيو، بلڪ هن پروگرام سان لاڳاپيل اميدن کان پڻ چڱي ريت واقف آهيو.

انهيءَ موقعي تي سفارتڪار جين فرينڪوئس جو چوڻ هو ته: ”مون کي خوشي ان ڳالهه جي آهي ته توهان اهڙن علائقن سان رکڻ باوجود نه صرف ڳالهائي رهيون آهيو پر گڏوگڏ پنهنجين ڳالهين جو چڱي ريت اظهار پڻ ڪري رهيون آهيو. اها هن پروگرام جي ڪاميابي لاءِ نهايت بهتر ڳالهه آهي. اسين توهان جي جذبي ۽ عملي طور ڪم مان تمام گهڻو متاثر ۽ پر اميد آهيون. جو ته هن پروگرام جي محض شروعاتي 5 کان 6 مهينن اندر هڪ اهڙي ڪميونٽي جيڪا روايتي طور تي تنگ نظر هئي. هاڻ ان ئي ڪميونٽي جا ماڻهو نه صرف ڳالهائي رهيا آهن، بلڪ ڪين جيڪو ڪجهه گهرجي ان بابت اظهار پڻ ڪري رهيا آهن“.



وفد جي حڪومتِ سنڌ جي مالي سهڪار سان هلندڙ پروگرام UCBPRP جي LSOs جي اڳواڻ عورتن تمام بهتر انداز سان ڳالهه ٻولهه ٿي. گڏجاڻي ۾ منظم عورتن وفد کي پنهنجي ڪيل ڪمن جي ڪارڪردگي پيش ڪندي ٻڌايو ته اسان جي تنظيم 7 سال پراڻي آهي. اسين عورتون ملي ڪري پنهنجي يونين ڪائونسل لاءِ غريب ماڻهن جي ڀلائي واسطي ڪم ڪري رهيون آهيون. انهيءَ موقعي تي سفارتڪار عورتن کي مخاطب ٿيندي چيو ته: بغير ڪنهن شڪ جي مان اهو چئي سگهان ٿو ته توهان جون پنهنجون ڪاميابيون ۽ تجربا تمام حيران ڪندڙ ۽ اتساهيندڙ آهن. مان هن پروگرام جي اثر کي محسوس ڪندي اسان پنهنجي پروگرام جو مستقبل ڏسي سگهون ٿا.

اهو چئي سگهجي ٿو ته توهان عورتون پنهنجي يونين ڪائونسل ۽ پنهنجي ڪميونٽي جي ترقي جي حوالي سان پڻ هڪ سگهاري ڪردار طور ڪم سگهو ٿيون. جو ته توهان وٽ هڪ نظريو آهي، تخليقي صلاحيت آهي ۽ مختلف پروگرامن جهڙوڪ: CIF وغيره جي سهولتن کي استعمال ڪرڻ جا موقعا پڻ آهن. اهي مختلف سهولتن جي حاصلات لاءِ هڪ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهو ٿيون ۽ گڏوگڏ تعليم، صحت ۽ ٻين ترقياتي سرگرمين لاءِ ڪُهَر ڪري سگهو ٿيون. مجموعي طور تي مان اهو چئي سگهان ٿو ته اسان لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ جو هڪ شاندار موقعو آهي ته ڇا هجڻ گهرجي ۽ اسان کي هاڻ ان ڳالهه تي يقين آهي ته SUCCESS پروگرام جو مستقبل ڇا هوندو.



وفد جڏهن شڪارپور جي ڳوٺن جو دؤرو ڪيو ۽ منظم عورتن سان گڏجاڻيون ڪيون انهيءَ دوران يورپي يونين جي سفارتڪار ڏٺو ته هتي ماڻهن ۾ تمام گهڻيون صلاحيتون ۽ ڪم ڪرڻ جو جذبو موجود آهي. ۽ انهن صلاحيتن کي استعمال ڪندي اهي ماڻهو مختلف قسمن جي ننڍن ڪمن جهڙوڪ: ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ CIF، فزيڪل انفرا اسٽرڪچر ۽ ووڪيشنل اسڪل ٽريننگ پروگرام وغيره جهڙن پروگرامن جي انتظام ڪاري مڪمل طور پاڻ سنڀالي رهيا آهن. انهن مان هر هڪ ماڻهو هڪ الڳ ڪيس اسٽڊي نظر پئي آيو. ماڻهو مختلف قسم جي آمدني وڌائڻ جي سرگرمين ۽ پنهنجا اثاثا ناهڻ لاءِ سنجيده نظر پئي آيا ۽ اها ڳالهه سندن اعتماد کي ڪنهن حد تائين وڌائڻ جو سبب پڻ هئي. جنهن ڪري سندن ڳالهائڻ جو اعتماد، پنهنجن مسئلن کي بهتر نموني سڃاڻپ ۽ انهن جي حل لاءِ

مقامي وسائل جو صحي طرح استعمال باهمي اعتماد جو هڪ شاندار نموني هيو. هڪٻئي سان گڏجي ويهڻ ۽ گڏجي هلڻ جو اعتماد ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه پنهنجي زندگين کي بهتر ڪرڻ جو اعتماد. مثال جي طور تي CIF جو صحيح استعمال، انتظام ڪاري ۽ پيسي جي صحيح هير ڦير خود هڪ وڏي ڪامياب ڪهاڻي آهي. اهڙو ئي عمل هن پروگرام کي يقيني طور تي مستقل ڪاميابي ڏانهن وٺي ويندو، جنهن سان غريب ماڻهن جي زندگين تي ديرپا اثر پوندا.

گڏجاڻي ۾ سفارتڪار ڳوٺاڻين عورتن سان ڳالهائيندي چيو ته: جيستائين هڪ ڳوٺاڻي تنظيم هڪ لک روپين تائين جي بچت نه ٿي ڪري، منهنجي نظر ۾ اها رقم چڱي خاصي آهي. پر هن وقت تائين اها روين جي تبديلي ۽ معاشي استحڪام جي حوالي سان هڪ وڏي مثبت تبديليءَ جي نشاني پڻ آهي ۽ اهي ٻئي شيون هن پروگرام جي مقصد جي حاصلات لاءِ اهم آهن. وزٽ دوران اسين هن پروگرام لاءِ هڪ اهم پهلو اهو به ڏٺوسين ته عورتن طرفان خودانحصاري تي مشتمل لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس جو بنياد وڌو آهي. اهي صرف اسان جو SUCCESS پروگرام نه پيون هلائين پر انهن هڪ اهڙو پليٽ مهيا ڪيو آهي، جتي نه صرف حڪومتي پروگرام بلڪي مختلف تنظيمن/مالي سهائتڪارن جا پروگرام پڻ هلائي سگهجن ٿا. ڪنهن به ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو انتهائي ضروري هوندو آهي ته ڪميونٽي انتظامي طور تي هڪ سٺي ڍانچي جي شڪل ۾ هجي.

**مسز سونيا ڪاٽين (يورپي يونين جي سفارتڪار جي گهر واري) جو دوري ڪان پوءِ اظهار خيال:**

مسز سونيا ڪاٽين ٻن ڏينهن جو شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جو حيرت ۾ وجهندڙ دورو مڪمل ڪندي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته، مون کي شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ عورتن سان ملي تمام گهڻي خوشي محسوس ڪئي، مون کي اندازو ئي نه هو ته ڪو هتي جون عورتون ايتريون منظم ۽ هنن ۾ پنهنجي ڳوٺ، يونين ڪائونسل جي غريب ماڻهن لاءِ پاڻ ۾ ملي ڪري ڪم ڪرڻ جو ايڏو وڏو جذبو موجود هوندو.



مسز ڪاٽين چيو ته: وزٽ کان پهريان منهنجي سوچ ڪجهه مختلف هئي، پر هتي شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ عورتن سان مليس ته حيرانگي سان گڏ خوشي به ٿي. وڌيڪ ڳالهائيندي مسز ڪاٽين چيو ته: مون وزٽ دوران انهن عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي جيڪي حڪومتِ سنڌ جي مالي تعاون سان هلندڙ پروگرام UCBPRP جو ستن سالن کان حصو رهيون آهن. مون انهن عورتن کي ڏاڍو متحرڪ، منظم ۽ ڳالهائيندڙ ڏٺو جيڪي ان ڳالهه کان بخوبي واقف هيون ته انهن کي ڇا گهرجي. انهن جي ڪاميابين جا داستان ٻڌندي ۽ انهن سان ڳالهين دوران مون کي اِهو ڄاڻندي ڏاڍي خوشي ٿي ته انهن نه صرف پنهنجن گهرن لاءِ پر پنهنجي ڪميونٽي لاءِ به گهڻو ڪجهه حاصل ڪري ورتو آهي. انهن عورتن جي پروگرام اندر ڪيل سرگرمين بابت انهن جي ٿي ڪيل ڪمن ۽ ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ مونکي ڏاڍي حيرانگي ٿي ۽ مان ڏاڍي متاثر به ٿيس ته ڪاميابيءَ جو اهو رستو نه صرف سنڌ، پاڪستان بلڪ يورپ جي عورتن لاءِ به هئڻ گهرجي.

مسز ڪاٽين وڌيڪ چيو ته: ڪالهه اها منهنجي لاءِ هڪ وڏي اچرج واري ڳالهه هئي ته پروگرام الائي ڪيئن هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جون عورتون پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيتري حد تائين قابل ٿيڄي چڪيون هونديون!. پر هتي ته ڪهاڻي ئي ٻي آهي، ڇو جو مان اهڙين عورتن سان مليس، جيڪي هي پروگرام شروع ڪرڻ واريون هيون ۽ اِهي عورتون ٻڌڻ آيون هيون ته توهان پروگرام لاءِ ڇا ٿا چئو، ان تي عمل درآمد ڪيئن ٿيندو ۽ آيا اهي ان پروگرم جو حصو ٿينديون به يا نه. پر مون ڏٺو ته اهي اڳ ۾ ئي پختہ ارادي جون مالڪ آهن. ڇو جو اهي سڀ ڪجهه ڏاڍو غور سان ٻڌي رهيون هيون ۽ ائين لڳي رهيو هو ته اهي ڄڻ مڪمل طور تي تيار آهن. بس انهن کي مائيڪ ڏيڻ جي دير هئي ۽ جيئن ئي انهن کي مائيڪ مليو ته اهي پنهنجن مسئلن ۽ پنهنجين زندگين بابت ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ اهو پڻ ٻڌايائون ته هو پنهنجي ڪميونٽي لاءِ ڇا ڇا حاصل ڪرڻ چاهن ٿيون. اهو سڀ ڪجهه حيران ڪندڙ هو، ڇا لاءِ ته قابليت اتي اڳ ئي موجود هئي.

ضرورت صرف ان ڳالھ جي آهي تہ انهن کي هڪ ڍانچو فراهم ڪجي تہ جيئن اهي پنهنجين تنظيمن ۽ ڪميونٽي سان سلهاڙجي پون ۽ پوءِ هو ان لائق بڻجن جو پنهنجا اعتراض ۽ مسئلا وندي سگهن ۽ انهن جي گروپن ۾ يڪجهتي پيدا ٿئي. گڏجاڻي ۾ هڪ عورت وڏي واڪ چيو: ”انهن جهڙيون اتي ڪوڙ آهن ۽ اسان سڀ ملي ڪري گهڻو ڪجھ حاصل ڪري سگهون ٿا.“

مسز سونيا ڪاٽين وڌيڪ چيو تہ: مان سمجهان ٿي تہ عورتن سان گڏجي ڪم ڪرڻ واقعي ڏاڍو متاثر ڪندڙ آهي ڇا لاءِ تہ اهي ڳالھ کي جهٽ ۾ سمجهن ٿيون، پيغام کي ڦهلائن ٿيون ۽ جلدي ورندي ڏين ٿيون. هنن عورتن کي پنهنجين ترجيحات جي خبر آهي. هي پروگرام کي پنهنجي قابليت جي حساب سان ترتيب ڏئي ۽ پنهنجي طريقي سان هلائڻ جي صلاحيت رکن ٿيون ۽ هڪٻئي جي مدد پڻ ڪن ٿيون. مان پاڻ هڪ عورت ۽ ٻن ٻارن جي ماءُ جي حيثيت ۾ ڄاڻان ٿي تہ اسان منجھ گهڻو ڪجھ ڪرڻ جي طاقت آهي. پر اسان عورتن کي پنهنجي ان طاقت کي استعمال ڪرڻ جا تمام گهٽ موقعا ملندا آهن، اها صلاحيت ۽ طاقت جيڪا اسان جي وجود جو حصو آهي، اها اسان گهر کان ٻاهر پنهنجي سماج لاءِ استعمال ڪري نہ ٿا سگهون. مان سمجهان ٿي هي سڪيس پروگرام عورتن کي اهڙا شاندار موقعا فراهم ڪندو تہ جيئن هو پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري سگهن، پنهنجو آواز بلند ڪري سگهن ۽ پنهنجن حقن لاءِ جاکوڙي سگهن.

مسز ڪاٽين چيو تہ: سنڌ جي عورتن سان ملي مان هڪ الڳ ۽ منفرد تجربو حاصل ڪيو آهي. مون ڏٺو تہ سنڌ جي ثقافت تمام گهڻن رنگن سان سجيل آهي ۽ سنڌ جا ماڻهو ڏاڍا مهمان نواز آهن. مان هتي جي ماڻهن سان هڪ رشتو محسوس ڪيو آهي خاص ڪري انهن عورتن سان جيڪا سماجي تحرڪ جي فلسفي جي اڳواڻي ڪري رهيون آهن. مان واپس اسلام آباد وڃان پئي پر پاڻ سان گڏ سنڌ بابت بلڪل الڳ ۽ مختلف تصور پئي کڻي وڃان. مان مٿئين سال يا ممڪن آهي ڪجھ سالن بعد وري ٻيهر سنڌ اچڻ گهران ٿي اهو ڏسڻ چاهيان ٿي تہ عورتن جا اهي ادارا ڪيئن ڪم ڪري رهيا هوندا. مان جيترو وقت بہ پاڪستان ۾ رهنديس انهن عورتن جي زندگين جي حصو ٿي رهڻ پسند ڪنديس.

**سرسو ڪامپليڪس ۾ LSO جي حوالي سان رٽيل ڪانفرنس:**

سرسو جي آڊيٽوريم ۾ LSO جي هڪ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ شڪارپور ۽ ڪنڌڪوٽ جي 50 LSOs (لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز) جي الڳ الڳ ڪارڪردگي پيش ڪئي وئي. جنهن ۾ 200 متحرڪ فردن شرڪت ڪئي. مختلف LSOs طرفان شروع ڪيل ترقياتي پيش قدمن بابت ڄاڻ ونڊڻ سان گڏوگڏ هن ڪانفرنس جي منعقد ڪرڻ جي پٺيان




هڪ ٻيو مقصد اهو بہ هو تہ LSOs نہ صرف اتي پنهنجا تجربا ٻين سان ونڊين پر اهي هڪ ٻئي جي تجربن مان پڻ سکن. گڏجاڻي ۾ يورپي يونين جو سفير، سندس زال، سرسو مئنيجمنٽ، ڪميونٽيز جا اڳواڻ، شيرين مصطفيٰ ناريجو -

سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ (سرسو جي بورڊ آف ڊائريڪٽوريٽ جي ميمبر پڻ) ۽ محترم نظر حسين مهر (سرسو جي بورڊ آف ڊائريڪٽوريٽ جي ميمبر) پڻ شامل هئا.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم ڏتل ڪلهوڙي آجياڻي تقرير ڪئي. ان دل جي گهرائين سان آيل مهمانن ۽ ڪميونٽي جي ڪارڪنن جو شڪريو ادا ڪيو. ان موقعي تي هن ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته جيڪا به ترقي اسان هيٺين سطح تي ڏسي رهيا آهيون اها ڳوناڻين عورتن ۽ انهن جي ادارن جي مجموعي طور تي سخت محنتن ۽ بهادرانه پيش قدمين جو نتيجو آهي.




ڪانفرنس ۾ LSOs جي ڪارڪردگي پيش ڪرڻ کان علاوه ڪميونٽي جي ٻين ميمبرن جن ۾ مس آئشه خاتون، مس ميرزادي چيئرپرسن LSO بخاري، مس اربيلي جنهن جو تعلق LSO فلڪ، يونين ڪائونسل ميرپور سان هو ۽ مسرت ابڙو جنهن جو تعلق LSO انمول يونين ڪائونسل دشتي سان هو، تن پڻ پنهنجين ڪوڙ سارين ڪامياب ڪهاڻين بابت سين کي ٻڌايو ته ڪيئن پروگرام جي مختلف حصن جهڙوڪ CIF, VTP ۽ ٻين ڪوڙ سارين پيشقدمين جيڪي انهن پاڻ ورتيون هيون، جي نتيجي ۾ ڪيئن انهن جي مال مويشين جي تعداد ۾ اضافو ٿيو هو ۽ سندن زندگين ۾ خوشحالي آئي هئي.



**شيرين مصطفيٰ ناريجو** (سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ۽ ميمبر بورڊ) پڻ ان موقعي تي ڳالهائيندي ڳوناڻين عورتن کان پڪ وٺندي ڪين اتساهيندي چيو ته اهي پنهنجا سمورا ٻار جن جي عمر اسڪول وڃڻ جي آهي تن کي ضرور اسڪول موڪليندييون. هن متحرڪ عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو ته (هڪ عورت ۽ ماءُ جي حيثيت ۾) اها اسان جي سڀ کان وڏي ذميواري آهي ته اسان پنهنجن ٻارن جي تعليم ۽ صحت جو تمام گهڻو خيال رکون. هن سين جي جذبي ۽ ورتل ڪوشش کي تمام گهڻو ساراهيو.



**سفارتڪار مسٽر ڪارٽين** اتي موجود ماڻهن کي مبارڪون ڏنيون ۽ ڪين چيو ته اوهان جي پاڻ ارپڻ ۽ مسلسل سچائي جو نتيجو آهي ته اڄ هيٺين سطح تي ايتري ترقي ٿي آهي. هن وڌيڪ چيو ته عورتن طرفان مسقبل مزاجي سان جيڪو ڪم ڪيو ويو آهي سو ڏاڍو اتساهيندڙ آهي ۽ ان کي جاري رهڻ گهرجي. مس سونيا ڪاٽين پڻ ڪميونٽي جي اڳواڻ عورتن جي ڪردار ۽ ڪوشش کي ڀيٽا ڏني. هن اهو پڻ چيو ته عورتن اندر جيڪا سگهه ۽ ترغيب آهي سا ڪمال جي آهي ۽ اها سندن نسلن لاءِ ايندڙ سالن تائين جاري رهڻ گهرجي.

*

# ٺل جي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن نيٽ ورڪ ’آزاد‘ جو قيام

بابر جاگيراڻي
پروگرام آفيسر ايم اي آر جيڪب آباد

ضلعي جيڪب آباد اندر سنڌ گورنمينٽ جي مالي سهڪار سان سرسو SRSO پاران يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP ذريعي عورتن کي پاڙي CO، ڳوناٽي سطح يعني VO ۽ يونين ڪائونسل سطح تي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن يعني LSO سطح جي تنظيمي عورتن کي منظم ڪيو ويو آهي. جيڪي سرسو جي معاونت سان پنهنجين پنهنجين تنظيمن ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. سندن شموليت هر موقعي تي ڀرپور انداز ۾ نظر ايندي آهي. توڙي اُهي ڳوٺ، يو.سي، تعلقي، ضلعي، ڊويزن، صوبائي يا ملڪي سطح تي ٽيننڱ پروگرام، سيمينار يا ورڪشاپ چونه هجن. اهي بهادر ڳوناٽيون عورتون پنهنجي پنهنجي تنظيم جي پليٽ فارم تان سرسو، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن کي پنهنجي تنظيم پاران ڪيل ڪمن ۽ ڪجھ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل ڪمن Self Initiatives جڏهن هو پاڻ بيان ڪن ٿيون ته يقينن اهو ٻين لاءِ پڻ اتساھ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. مٿي بيان ڪيل عورتن جي تنظيمن کي رورل سپورٽ پروگرام RSPs جي ٽن ڏاڪن جي سماجي جاڳرتا جي خاڪي تحت منظم ڪيو ويو آهي. ان خيال مطابق پاڙي سطح جي تنظيمن جي بهتري لاءِ ڳوناٽي سطح جي تنظيم ضروري آهي. جڏهن ته ڳوناٽي سطح جي تنظيمن جي استحڪام لاءِ يونين ڪائونسل سطح جي تنظيم لازمي آهي. پر جڏهن يونين ڪائونسل سطح جي تنظيمن جو بنياد رکيو ويو ته ان بعد يونين ڪائونسل سطح جي



تنظيمن جي استحڪام لاءِ تعلقي سطح جي تنظيم يا نيٽ ورڪ جي ضرورت محسوس ڪئي. جنهن جي پورائي لاءِ ضلعي جيڪب آباد جي تعلقي ٺل جي سمورين يونين ڪائونسلز سطح جي تنظيمن لاءِ هڪ نيٽ ورڪ جي قيام جو فيصلو ڪيو ويو. هن نيٽ ورڪ جوڙڻ جو مقصد سمورين ايل ايس اوز LSOs جي جٽادار ترقي لاءِ سرڪاري ۽ غير سرڪاري NGOs ادارن جي معاونت سان ملي پائدار ترقي جا موقعا پيدا ڪرڻ آهي. جڏهن اِها ڳالهه وي اوز VOs۽ ايل ايس اوز LSOs جي ميمبر عورتن جي گڏجاڻي ۾ ڪيو ويو ته مڙني تنظيمن جي ميمبرن سرهائي

محسوس ڪئي ۽ هر لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن کي پنهنجي LSO مان 3 ميمبر ايل ايس او نيٽ ورڪ لاءِ چونڊ ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو. اهڙي ريت هر ايل ايس او پنهنجي ايل ايس او ميمبرن ۾ ٽن ميمبرن جو انتخاب ڪيو. جڏهن ته 30 نومبر 2016 تي ايل ايس او نيٽ ورڪ (LSO Network) جو قيام رکڻ جي تاريخ طئي ڪئي وئي. تعلقي ٺل جي 14 ايل ايس اوز مان 12 ايل ايس اوز جي 32 ميمبرن "سرسو سوشل موبلائيزيشن يونٽ SMU ٺل" ۾ گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي، انهيءَ گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ ميئنيجر منظور جلباڻي ۽ سوشل موبلائيزيشن يونٽ ٺل جي اسٽاف جي موجودگي ۾ ايل ايس او نيٽ ورڪ جي قيام لاءِ ووٽنگ ڪرائي وئي جنهن ۾ 32 ميمبرن کي جنرل باڊي ميمبر General Body، 12 بورڊ آف ڊائريڪٽرز BOD ۽ 04 آفيس عملو Office Bearers (رخسانہ سرڪي - چيئرپرسن، زرينہ - وائيس چيئرپرسن، اربيلي - خزانچي، ڪرن حاجاڻي - جنرل سيڪريٽري) سڀني شريڪ ميمبر عورتن جي گڏيل مشاورت سان چونڊيا ويا. جڏهن ته هن ايل ايس او نيٽ ورڪ جو نالو "لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن آزاد نيٽ ورڪ" رکيو ويو. ايل ايل او نيٽ ورڪ آزاد جي چيئرپرسن رخسانہ سرڪي انهيءَ موقعي تي چيو ته مون کي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ۽ سچ پچو ته مان جَس ڏيان ٿي سرسو جي ٽيم کي جنهن اسان سڀني تنظيمين جي عهديدار عورتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ۽ اسان جي ڪم کي ساراهيو ۽ مستقبل ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ هي پليٽ فارم جوڙڻ ۾ اسان جي رهنمائي ڪئي آهي. تعريف لائق آهن هي سڀني ساٿي عورتون جن همٿ ڪئي آهي گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ هونءَ بہ اسان جون سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز جون عهديدار ۽ ميمبرن عورتن مڙني تنظيمن هلائڻ جو وسيع تجربو هن وقت رکن ٿيون ۽ يقينن هن ايل ايس او نيٽ ورڪ جي پليٽ فارم تي سڀ ساٿي پاڻ ملهائينديون. سچ پچو ته هن ايل ايس او نيٽ ورڪ جي تمام گهڻي ضرورت هئي چو ته اسان جي تعلقي ٺل ۾ 14 يونين ڪائونسل سطح جون تنظيمون (LSOs) جڙيل آهن. ۽ هر ايل ايس او کي تعلقي سطح تي مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن سان رابطا ڪرڻ ۽ لاڳاپا قائم ڪرڻ تنظيم جي بقا لاءِ ضروري آهن. ۽ اها کوٽ هن ايل ايس او نيٽ ورڪ جي پليٽ فارم تان انشاءالله پوري ڪئي ويندي. مان اميد ٿي ڪيان ته هن ايل ايس او نيٽ ورڪ ذريعي اسان جي ڳوٺن جون بهادر عورتون سچي دل سان پنهنجون بي لوث ڪوششون ۽ ڪاوشون جاري رکنديون ۽ ڀهراڙين جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پاڻ پتوڙينديون ۽ غريب عورتن کي سکيو ستابو بڻائڻ واري خواب کي حقيقي شڪل ڏينديون.



*

# ڪاميابيءَ طرف وڌندڙ قدم

لالڻ ڏهر
متحرڪ ڪارڪن
تعلقہ لکي ضلع شڪارپور

شڪارپور ضلعي جا ڪيترائي ڳوٺ ۽ شهر توڙي جو جاگيرداڻي نظام تحت هلندا رهيا آهن ۽ هر راهَ تي ڏکيائيون پيدا ڪندڙ نظام ۾ هلندڙ معاشري جي آبادي جي سيني ڳوٺن مان ڳوٺ موراٽي يونين ڪائونسل پرڪڻ تعلقہ لکي سيني ڪان مختلف رهيو آهي ۽ هتي جو وڏيرڪو نظام عام رواجي وڏيرڪي نظام ڪان ڪجهہ مختلف آهي. جتي بين مختلف ڳوٺن ۾ عورتن کي ٻاهر نڪرڻ ۽ اڳتي وڌي ڪم ڪرڻ ۾ پريشانيون ٿيون هونديون. اُتي ڳوٺ مُوراٽي ۾ مسمات صنم مهر کي ايتريون ڏکيائيون پيش نہ آيون.

مسمات صنم مهر ٻڌائي ٿي تہ توڙي جو منهنجو خاندان بہ هن علائقي ۾ وڏيرڪي حيثيت رکندڙ آهي. پر فرق صرف اهو آهي تہ منهنجي خاندان جو پڙهيل لکيل ۽ سلجهيل هئڻ ڪري مون تي ڀروسو ڪندي ڪوبہ دٻاءُ نہ وڌو تہ مان غريب ماڻهن لاءِ ڪم نہ ڪريان.

مسمات صنم چواڻي تہ جڏهن سرسو جي ٽيم اسان جي ڳوٺ موراٽي ۾ پروگرام ڪٺي آئي تہ اسان بہ سمجهوسين تہ اسان عورتن کي مرد ٻاهر نڪرڻ ڪونہ ڏيندا ۽ اسين غريب عورتن لاءِ ڪم نہ ڪري سگهنديون سين ۽ ائين حقيقت بہ هُئي، تہ اسان جي مردن کي مختلف ماڻهن روڪيو بہ ۽ چوندا رهيا تہ توهان جو وڏيرڪو گهراڻو آهي ۽ وڏيرڪي گهراڻي جي عورتن جو ٻاهر نڪرڻ صحيح ناهي. پر اسان جي وڏن اسان کي اِهو چيو تہ غريبن جي مسئلن حل کي ڪرڻ لاءِ هڪ ادارو سرسو پنهنجي ٽيم موڪلي رهيو آهي تہ توهان انهن سان گڏجي غريب ماڻهن لاءِ ڪم ڪريو ۽ اهو تمام سنو ڪم آهي.

مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي تہ اسان کي اجازت ملي وئي. پر ڳوٺ جي ٻين عورتن کي موڪل نہ پئي ملي ۽ اسان کي CO ۽ VO ناهڻ لاءِ پريشاني ٿي رهي هئي. پر آهستي آهستي سرسو ٽيم جي موبلائيزيشن ماڻهن تي ڪجهہ اثر ڪيو. چوتہ ايڪي ٻڌي ۾ طاقت آهي، اسان بہ سرسو ٽيم سان گڏجي گهر گهر وڃي ڪين ٻڌايو تہ هي غريبن جي ڀلائيءَ جو ڪم آهي. اهڙي طرح اسان ڳوٺ ۾ پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي سين ۽ هڪ تنظيم ”CO موراٽي“ ناهي ورتي ۽ ڪجهہ عرصي بعد اسان ڪوشش ڪري ” VO بِسما“ بہ ناهي ۽ پوءِ سڀ ڪان پهريان غريب عورتن کي انهيءَ پليٽ فارم تان CIF وٺي ڏنو ويو ۽ سرسو پاران ڏنل اسڪيمون غريبن کي وٺي ڏنيوسي، جن ۾ گهرَ، مال مويشي، روڊ رستا مطلب تہ مختلف اسڪيمن ذريعي اسان ماڻهن کي اڳتي آڻي انهن کي تعليم ۽ صحت بابت آگاهي بہ ڏياري سين تہ اسان غربت کي ڪيئن ختم ڪري سگهون ٿا.



اسان ڳوٺاڻي سطح کان وٺي يونين ڪائونسل سطح تائين پنهنجي تنظيم لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن **”مهراڻ“** جوڙي ۽ ڀلائي جي ڪم کي اڃان بهتر نموني سان پنهنجي پوري ايمانداري ۽ سچائي سان غريبن عورتن جي مدد ۽ رهنمائي ڪندي تنظيم کي اڳتي آندو آهي ۽ مختلف ادارن سان ڪم ڪري، هتان جي غريب عورتن ۽ ڳوٺ جي ترقي لاءِ فائدا حاصل ڪيا آهن. انهن ادارن ۾ هڪ ادارو صبا پاڪستان پڻ آهي جنهن مختلف وقتن تي هتان جي هنرمند عورتن جي ڪم کي ڏسي ڪين آرڊر پڻ ڏنا ۽ هنرمند عورتن به اُهي ڪم وقت سر پورا ڪري ڪين ڏنا جنهن جو ڪين سٺو اجورو مليو ۽ اهو سلسلو ادارن سان اڃان جاري آهي. ائين ئي پوري پاڪستان تائين انهن هنرمند عورتن جي هنر کي سرسو جي سهڪار سان پهچايوسي، نتيجي ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ ڪافي ساريون ٽيمون به آيون ۽ هنن هنرمند عورتن جي ڪم جي تمام گهڻي واکاڻ پڻ ڪئي. اسين سيو دي چلڊرين اداري کان يو.سي جي مختلف ڳوٺن لاءِ پڻ ترقياتي اسڪيمون تنظيم جي پليٽ فارم تان ورتيون. جنهن ۾ ناليون، پڪا رستا ۽ پاڃيون پوکڻ لاءِ مختلف ٻج ۽ زمين کيڙڻ لاءِ ڪم ايندڙ اوزار پڻ غريب عورتن کي ونرائي ڏنا ۽ گڏوگڏ سبزين پوکڻ ۽ انهن مان فائدو حاصل ڪرڻ بابت آگاهي سيشن پڻ مختلف ڳوٺن ۾ منعقد ڪراياسين. ماءُ ۽ ٻارن جي بهتر خوراڪ ۽ بهتر صحت بابت مختلف وقتن تي پروگرام ڪراياسين ته جيئن ڳوٺاڻن کي صحت بابت مڪمل ڄاڻ ڏني وڃي.

لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن مهراڻ جي پليٽ فارم تان گرين اسٽار سان ڪم ڪندي غريب عورتن کي بهتر فائدا ونئي ڏنا ويا آهن.



صنم مهر جيڪا لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”مهرڻ“ جي خزانچي جي حيثيت سان پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي صنم مهر هڪ جفاڪش، ايماندار ۽ جفاڪش عورت آهي. انهيءَ چواڻي ته اسان يونين ڪائونسل سطح تي عورتن کي پنهنجا حق وٺڻ لاءِ اتساهيوسين، انهيءَ ئي حوالي سان يونين ڪائونسل پرڪڻ ۾ ڪيئي پروگرام منعقد ڪرايا ويا آهن ۽ نتيجي طور هاڻ ڪيتريون عورتون پاڻ اهي پروگرام پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ۽ پاڙي سطح تي ڪرائي رهيون آهن. انهيءَ سان عام عورت کي پڻ اها خبر پئجي رهي آهي ته اسان جو مذهب به اسان کي آزادي ۽ حق ڏئي ٿو. پر معاشرو اسان کي پنهنجن حقن کان پري رکيو پيو اچي.

صنم ٻڌائي پئي ته تنظيم جي مِڙني عورتن جي محنت ۽ جاکوڙ سبب هاڻ اسان جي يو.سي مان ننڍي عمر جي شادين جو رواج به ختم ٿي رهيو آهي. سبب اهو آهي ته تنظيم جي پليٽ فارم تان مختلف ڳوٺن ۾ آگاهيءَ جا پروگرام منعد ڪرايا ويا نتيجتاً هاڻي ۽ هتان آهستي آهستي ڪارو ڪاري جي ڪڏي رسم به ختم ٿي رهي آهي.

اسان سرسو جي ساٿ سان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) پروجيڪٽ تحت هڪ سلائي سينٽر ڪولرايوسين، جنهن سان غريب ڇوڪرين کي سلائي ڪڙهائي جي مڪمل سکيا ڏني وئي ۽ اهي ڇوڪريون پنهنجن گهرن ۾ سلائي ڪري رهيون آهن، جنهن مان هنن جي آمدني به ٿي رهي آهي. ۽ يو.سي ۾ تعليم بابت ڄاڻ ۽ آگاهي جا پروگرام منعقد ڪرايا آهن. اهڙا ڳوٺاڻا جيڪي تعليم جي اهميت کان اڻ واقف هئا، ڪين تعليم بابت ڪابه معلومات نه هئي ته تعليم اسان لاءِ ڪيتري اهميت رکي ٿي هاڻ اهي ماڻهو پنهنجي ٻارن کي اسڪول ڏانهن موڪلين ٿا، جيڪا هڪ سٺي ڳالهه آهي.



صنم ٻڌائي ٿي ته اسان پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ ٻاهرين ملڪ جي پروجيڪٽس ۽ گورنمينٽ سان گڏجي ڪم پڻ ڪيو آهي. ۽ اسان پوليو مهم ۾ پڻ پرپور حصو ورتو آهي. جتي پوليو جون سرڪاري ٽيمون ڏکيائيءَ سبب نه وينديون آهن اتي اسان جي تنظيم جون عورتون انهن ٽيمن کي ساڻ ڪري مهم کي پرپور ڪاميابي ڏيارينديون آهن.

تنظيم جي پليٽ فارم تان اسان جن غريب عورتن کي سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي تعاون سان وڇيون ونڻي ڏنيون، اُهي ڳهراٽا هاڻي انهن جانورن مان کير مکڻ حاصل ڪري رهيا آهن. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسين شڪرگذار آهيون سرسو ۽ حڪومت سنڌ جا جن اسان غريبن کي وڇيريون ڏئي مال متاع وارو بڻائي ڇڏيو آهي.

صنم وڌيڪ ٻڌايو ته هن وقت اسانجي تنظيم جي پنهنجي آفيس پڻ آهي جتي مختلف تنظيمون ۽ ادارا پروگرام ۽ ٽريننگس ڪرائيندا آهن جنهن جي اسان انهن کان فيس وٺندا آهيون جيڪا تنظيم جي کاتي ۾ جمع ٿيندي آهي.

اسين ڳوٺاڻن غريب ماڻهن جي مسئلن جي حل لاءِ سرڪاري ادارن جي نمائندن سان ملي ڪيترائي منجهيل مسئلا حل ڪرايا آهن ۽ ڪيتري ئي عرصي کان بند پيل اسڪول پڻ کولرايا آهن گڏوگڏ پنهنجي مدد پاڻ تحت نياٽين جا اسڪول پڻ کولرايا آهن. ۽ سرسو جي انشورنس پاليسي مان ڪيترين ئي غريب عورتن کي علاج ۽ ويم جون سهولتون ڏياريون ويون آهن ۽ اهو سلسلو جاري آهي. پهريان جتي ڪيتريون ئي قيمتي جانيون ڳوٺاڻين داين جي آسري تي ضايع ٿينديون هيون اُهي هاڻ بچي ويون آهن.

هن معاشري ۾ جتي عورت کي گهٽ اهميت ڏني ويندي هئي اُتي ڪيترائي مرد هاڻ اسان جي آفيس اچي اسان سان رابطو ڪري پنهنجا مسئلا ٻڌائين ٿا. پوءِ اسان ڪوشش ڪري ادارن جي سهڪار سان ۽ حڪومت جي نمائندن سان ملي ڪري انهن جا مسئلا حل ڪرائينديون آهيون جنهن سان اسان جي عزت پهريان کان وڌيڪ وڌي آهي ۽ اسان کي تمام گهڻي خوشي به ٿيندي آهي ته سرسو جي اچڻ سان جڻ عورت کي حق ملي رهيا آهن جيڪي اسان کي پنهنجو مذهب به ڏئي ٿو. پر معاشرو اسان کي پنهنجن انهن حقن کان پري رکيو پئي آيو. اميد آهي ته سرسو جي تعاون سان اسان اڃان به وڌيڪ ڳوٺن ۽ پوري يونين ڪائونسل جي هرگهر ۽ هر فرد لاءِ ڪم ڪنداسين ۽ وڌيڪ ڪاميابيون ماڻينداسين.

*

# اوکي وقت ۾ ڪارائتي صحت پاليسي

اظهر ظفر باجڪاڻي
يونٽ انچارج ڪشمور-ڪنڌڪوٽ

ضلعي ڪنڌڪوٽ-ڪشمور ۾ غربت، تعليم، امن امان ۽ روڊ رستن جي اڻاٺ ۽ اڻهوند سان گڏ صحت جون سهولتون پڻ نہ هئڻ جي برابر آهن. جنهن سبب هر سال ڪيترين ئي قيمتي جانيون ضايع ٿي وڃن ٿيون. انهن ۾ گهڻائي عورتن جي آهي، جيڪي ويم دوران گهربل سهولتن جي نہ هئڻ سبب موت جو ڪاچ ٿي وڃن ٿيون. اهڙين غريب، لاچار، بيوس عورتن جي سماجي ۽ معاشي حالتن ۾ سڌاري آڻڻ لاءِ حڪومت سنڌ ۽ سرسو، يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو (UCBPRP) پروگرام شروع ڪيو. هن پروگرام (UCBPRP) جو مقصد سماجي جاڳرتا (Social Mobilization) ذريعي ڳوناڻين عورتن جي معيار زندگيءَ کي بهتر ڪرڻ آهي، خاص ڪري اهي جيڪي غربت جي لڪير کان بہ هيٺ زندگي گذاري رهيون آهن. هن پروگرام تحت ڳوناڻين عورتن، ڳوناڻي ۽ يونين ڪائونسل سطح تي عورتن کي تنظيمن جي صورت ۾ منظم ڪرڻ بہ آهي. هن پروگرام ۾سرسو جتي مختلف طريقن سان غريب عورتن جي واهر ڪري رهي آهي. انهن مڙني طريقن ۾ ننڍي پئماني تي بنا وياج قرض جي سهولت سان گڏ انهن غريب عورتن لاءِ سرسو جي صحت پاليسي بہ تمام مفيد ثابت ٿي آهي. جنهن مان تمام غريب عورتن کي وڏو فائدو ملي رهيو آهي.



جيئن تہ ضلعي ڪنڌڪوٽ-ڪشمور ۾ سال 2016 ۾ 11618 غريب عورتن کي صحت انشورنس پاليسي ۾ شامل ڪيو ويو. ۽ انهن مان ڪيترين ئي غريب عورتن هن صحت انشورنس پاليسي مان سنو فائدو حاصل ڪيو آهي. جنهن جو هڪ ننڍڙو مثال مسمات پرور خاتون جو بہ آهي. مسمات پرور خاتون تمام غريب عورت آهي. هن کي ٻن ٻارن جو اولاد آهي ۽ هن جو مڙس انور خان مزدوري ڪري گهر جو چرخو هلائي ٿو. هنن جي گهر جو گذر سفر روزاني مزدوري ۽ مال مويشي تي آهي. غربت سبب سندن گذارو مشڪل سان ٿي رهيو آهي.

مسمات پرور خاتون، سرسو کان قرضCIF جون 2016 ۾ ورتو. ۽ SRSO ذريعي انشورنس پاليسي بہ ورتائين جنهن مان هن هڪ ٻڪري خريد ڪئي. مسمات پرور خاتون قرض حاصل ڪرڻ دوران ڳورهاري پڻ هئي. غربت ۽ زندگيءَ جي ٻين انيڪ مسئلن سان گڏ پنهنجي ويم جو اونهو بہ ڪيس پريشان ڪندو رهيو، ڇوتہ غربت سبب گهر جو گاڏو ئي مشڪل گڙي رهيو تہ مٿان ويم جو علاج ڪٿان ٿيندو. اهو وِسُورو هن کي اندر ئي اندر ڳاري رهيو هو. ڇوتہ هن جي هڙ ۾ ڪا خاصي رقم نہ هئي. پر هڪ سٺي ڳالهہ تہ بغير وياج جي ورتل قرض دوران فقط 150 روپين ۾ هن کي صحت پاليسي ۾ شامل ڪيو ويو هو. ڪيس اها سُڌ پڻ ڏني وئي تہ

هيءَ پاليسي ايندڙ وقت ۾ ناچاڪائي يا ويم دوران تولاءِ ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي. پرور خاتون جو تعلق غريب گهراڻي ۽ پنتي پيل علائقي سان آهي ۽ هوءَ پڙهيل لکيل بہ ناهي تنهن ڪري ڪيس اهو بہ ڪٿڪو هوندو هو تہ جيڪڏهن ويم دوران صحت پاليسي وارن وقتائتي واهر نہ ڪئي تہ پوءِ ڇا ٿيندو!؟. پرور خاتون اِها ڳالهہ پنهنجي ڳوٺاڻي تنظيم ”قادر پيو“ جي گڏجاڻي ۾ ڪئي. جنهن جي هيءَ سرگرم ڪارڪن پڻ آهي. گڏجاڻي ۾ سڀني ميمبر عورتن ڪي پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌائي تہ مونکي هي وهم ٿي بيٺو آهي ويم دوران صحت پاليسي وارن مدد نہ ڪئي تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟. جنهن تي ڳوٺاڻي تنظيم VO قادو پيو جي عهديدارن هن جي همت افزائي ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايو فڪر ڪرڻ جي ڳالهہ ناهي. ڇو



تہ سرسو جي تعاون سان پاڻ ڪي سدائين فائدو رسيو آهي. ۽ اسان غريبن لاءِ اها صحت پاليسي لاڀائتي ثابت ٿيندي. ٿيو بہ ائين سيپٽمبر 2016 ۾ جيئن ئي پرور خاتون جي ڊليوري جو وقت ويجهو آيو تہ مسمات پرور خاتون تنظيم جي صدر سان گڏجي صحت جي پينل هاسپيٽل ”ماشاالله سينٽر“ ڪنڊڪوٽ پهتي. جتي ڊاڪٽرياڻين جي چڪاس بعد هن ڪي داخل ڪيو ويو ۽ هن جي آپريشن ڪئي وئي. ۽ الله پاڪ ڪيس پٽ جي اولاد سان نوازيو. مسمات پرور خاتون ۽ ان جا گهر ڀاتي سرسو جي هن انشورنس صحت پاليسي جي سهولت مان ڏاڍا خوش ٿيا. سندن چوڻ آهي تہ اسين تمام غريب ماڻهو آهيون. اسان لاءِ اهو ممڪن ئي نہ هيو تہ هن اسپتال ۾ ويم ڪرائي سگهون جي ڪرايون بہ ها ياتہ ڪو جانور وڪرو ڪيون ها ۽ قرض ڪڍي آپريشن ڪرايون ها ۽ پوءِ گهڻو عرصو مزدوري ڪري وينا قرض لاهيون ها.

شڪر آهي الله پاڪ جو ۽ مهرباني آهي سرسو اداري جي انشورنس پاليسي وارن جي جنهن اسان جا خرچ ۽ اڻاٺا بچايا. ڪجهہ ڏينهن اسپتال ۾ رهڻ ڪانپوءِ مسمات پرور خاتون پنهنجي گهر موٽي آئي. هاڻ هوءَ پنهنجي ننڍڙي پٽ گڏ گهر ۾ خوش آهي سندس چوڻ آهي تہ مان سرسو ۽ سنڌ حڪومت جي شڪرگذار آهيان، جنهن مشڪل گهڙيءَ ۾ اسان جو ساٿ ڏنو مان، هاڻ مان پنهنجي تنظيم لاءِ وڌ کان وڌ ڪم ڪنديس تہ جيئن مان بہ ڪنهن غريب عورت جي ڪم اچي سگهان، اسين سڀ ڳوٺاڻا ۽ خاص ڪري پنهنجي تنظيم جون عورتون سرسو جي ڪاميابي لاءِ دعاڳو آهيون.

*

# تبديليءَ جو سفر ۽ رخسانه



بابر جاگيراڻي

پروگرام آفيسر ايم.اي.آر، جيڪب آباد

رخسانه جو جنم 1982ع ۾ سنڌ جي راڄ ڌاني شهر ڪراچيءَ ۾ ٿيو. سندس تعلق جکراڻي قبيلي سان آهي. رخسانه جو وهانءُ سندس مامي جي پٽ شمس الدين سان ٿيو. جيڪو سندس اباڻي ڳوٺ دريا خان جکراڻي جو رهواسي آهي. هي ڳوٺ جيڪب آباد شهر کان 5 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي.

رخسانه اڃان ميٽرڪ ئي مس پاس ڪئي ته سندس شادي ڪرائي وئي. هڪ بين الاقوامي شهر کان جيڪب آباد ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ زندگي گذارڻ، هن لاءِ اوکو امتحان هو. پر هن حالات سان سمجهوتو ڪري هڪ بهادر عورت جيان ٻهراڙي جي ماحول ۾ پنهنجي زندگي گذارڻ شروع ڪئي. 2010ع واري مها ٻوڏ پاڻ سان اهنجن جا انبار ڪٺي آئي ۽ سموري سنڌ جيان جيڪب آباد جي وستين ۽ واهڻن تي پڻ پنهنجا اثر ڇڏيا. ۽ ڳوٺ دريا خان جکراڻي پڻ پاڻي جي گهيري ۾ اچي ويو ۽ ڳوٺ جا ماڻهو رڳو سِرُ بچائي نڪتا.

ڪجهه عرصي بعد جڏهن پنهنجي اباڻي ڳوٺ پهتا ته اُتي سواءِ چند نشانن جي، باقي ڪجهه به بچيو هو. غريب ڳوٺاڻن جي زندگي هاڻي غربت جي لڪير کان به هيٺائين سطح تي گذرڻ لڳي. رخسانه جي گهر جو گذر سفر هن جي گهر واري جي چنگچي هُئي، جيڪا هلائي پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندو هو. پر ٻوڏ سبب هن جي چنگچي جي حالت تمام خراب ٿي وئي جيڪا بلڪل هلڻ جي قابل نه هئي. انهن ڏينهن ۾ سندن زندگي ڏاڍي مشڪل مرحلي مان گذري رهي هُئي. انهن ڏکين حالات دوران سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جيڪب آباد ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام UCBPRP شروع ڪيو ۽ عورتن کي منظم ڪرڻ جي سلسلي ۾ جڏهن ڳوٺ دريا خان جکراڻي پهتي ته ٽيم کي تمام گهڻي ڏکيائي پيش آئي ڇو ته هن ڳوٺ جون عورتون فقط بلوچي ٻولي ڳالهائي پئي سگهيون. تنهنڪري سوسو ٽيم کي اهڙين عورتن کي منظم ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي رهي هئي ۽ هو ڪنهن پڙهيل لکيل عورت جي ڳولا ۾ هئا، جيڪا يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام UCBPRP جا مقصد سمجهي سگهي ۽ اهي سمورا مقصد انهن ڳوٺاڻين عورتن تائين پهچائي. اها ڳالهه جڏهن رخسانه تائين پهتي ته هن کي پنهنجي پڙهيل لکيل هجڻ تي خوشي محسوس ٿي، ۽ دل ئي دل سوچڻ لڳي ته هي وقت آهي ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو! پر هوءَ گهر واري جي اجازت کان سواءِ به ان گڏجاڻي ۾ شرڪت نه پئي ڪري سگهي. موقعو ڏسي هن پنهنجي گهر واري کي سرسو ٽيم بابت ٻڌايو ۽ چيو ته هنن کي اهڙي عورت گهرجي جيڪا ٻيون ٻوليون به ڳالهائي سگهي ۽ اسان جي ڳالهه هنن عورتن کي سمجهائي سگهي. مون کي توهان جي اجازت جي ضرورت آهي ته مان هنن عورتن لاءِ ڪجهه ڪريان. هن کي پنهنجي مڙس گڏجاڻيءَ ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني. پوءِ رخسانه سرسو ٽيم سان ملي، ۽ سرسو جي ٽيم هن کي يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جو پروگرام UCBPRP جو پورو متن سمجهايو ۽ هن کي اها غربت گهٽائڻ جو اهو طريقي ڪار پسند آيو، ڇو ته هن پروگرام ۾ غربت گهٽائڻ سان گڏ عورتن خاص ڪري ٻهراڙيءَ جي بيوس، لاچار عورتن کي هڪ نمايان مرتبو ۽ ماڻُ ڏيارڻ جو گُسُ پڻ شامل هو.

سڀ کان پهريان رخسانه يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام UCBPRP جو فلسفو ۽ طريقو پنهنجي ورَ کي سمجهايو. انهن ڏينهن ۾ سندس مڙس جو هٿ پڻ تنگ هو. تنهن ڪري ڪيس اجازت ملي وئي. پوءِ رخسانه پنهنجي ڳوٺ جي غريب، بيوس، لاچار عورتن کي سرسو ۽ سنڌ حڪومت جي يونين ڪائونسل

سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام UCBPRP جا مقصد ٻڌايا ۽ بهتر نموني سان سمجهايا. سموريون عورتون خوش ٿيون ۽ رخسانه تبديلي جا خواب ڪٺي سرسو سان گڏجي پهريون پاڙي جي تنظيمن COs جو بنياد رکيو. رخسانه کي پنهنجي پاڙي جي تنظيم جو صدر چونڊيو ويو. ان کان پوءِ ڳوٺاڻي تنظيم VO جي بنياد رکڻ جو مرحلو آيو ته رخسانه کي ئي ڳوٺاڻي تنظيم "دريا خان جکراڻي" جي چيئرپرسن طور چونڊيو ويو ته هن غريب عورتن کي ڪميونٽي سيڙپڪار فنڊ CIF ذريعي ته جيئن هو بغير وياج جي قرض مان ڪونندي پيٺماني جو ڌنڌو ڪري پنهنجي مالي حالت ۾ سڌارو آڻين. رخسانه جو گهراڻو پڻ غربت جي لڪير کان هيٺئين سطح تي اچي چڪو هو. تنهن ڪري رخسانه پنهنجي لاءِ پهرين مرحلي ۾ ورتل قرض جي رقم مان پنهنجي مڙس جي خراب بيٺل چنگچي رڪشا کي ٺهرايو ۽ بچيل رقم مان اڳئ ناهڻ جو سامان (ڌاڳو) ورتو ۽ گهر ويٺي پنهنجي ڪرتِ شروع ڪيائين. اهڙي طريقي سان آهستي آهستي رخسانه جي غربت مان جان آجي ٿيندي نظر آئي ۽ سندس زندگي ۾ ڪا چڱي تبديلي اچڻ شروع ٿي. هڪ سال بعد رخسانه پهريون قرض طئي ٿيل مدي تي واپس ڪيو ۽ ٻي مرحلي ۾ بنا وياج قرض جي رقم لاءِ تنظيم کي قرارداد لکي ڏني. جيڪا سندس جي ڪارڪرگي کي ڏسي جلد منظور ڪئي



وئي ۽ هن کي قرض جي رقم ڏني وئي، جنهن مان هن هڪ سلائي مشين خريد ڪئي ۽ گهر جو چرخو هلائڻ ۾ پنهنجي گهراري سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيني.

جڏهن يونين ڪائونسل رندواهي ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن "الخدمت" جو بنياد پئي رکيو ويو ته رخسانه کي يونين ڪائونسل سطح جي مقامي سهڪاري اداري جي چيئرپرسن طور چونڊيو ويو. رخسانه UCBPRP ذريعي اينڌڙ تبديلي بابت ٻڌائيندي چيو ته :

"سي آءِ ايف CIF مان مليل قرض مان اسان جي ڳوٺ جون عورتون سگهيون ۽ اڳئ ناهي ڪپائڻ جو ڪاروبار ڪن ٿيون، هت جي هن هنري پورهئي مان مهيني ۾ 5 کان 8 هزار روپين تائين جي آمدني ٿئي ٿي. رخسانه ٻڌايو ته هن ڳوٺ ۾ غربت جي گهٽجڻ سان گڏ صحت ۽ تعليم جي حوالي سان به مثبت تبديلي آئي آهي. اسان ايل ايس او (LSO) جي پليٽ فارم تان براڪ انٽرنيشنل BRAC International اداري جي سهڪار سان هڪ اسڪول پڻ قائم ڪيو آهي. جنهن اسڪول جي مان پاڻ ٽيچر آهيان. جڏهن ته يو ايس ايڊ USAID جي سهڪار سان هلندڙ HCP Project ۾ ڪميونٽي هيلٿ ورڪر طور پڻ ڪم ڪري رهي آهيان، جنهن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت، فئملي پلاننگ (خانداني رٿابندي) جي آگاهي پڻ شامل آهي."

رخسانه پنهنجي ذاتي زندگي بابت ٻڌائيندي چيو ته سرسو اسان جي مالي ۽ شعوري سهائتا ڪئي آهي. جنهن ڪري اسان جي زندگي ۾ واضع تبديلي آئي آهي، چو ته منهنجو پهريان ڪکائون گهر نهيل هو ۽ هاڻي سرسو اداري جي سهڪار سان منهنجو پنهنجو هڪ پڪو گهر آهي، ان گهر ۾ هن وقت اسان سولر سسٽم تحت پکا ۽ لائٽس هلائي حياتي جو سک ماڻي رهيا آهيون. منهنجا پنج ٻار گهر ۾ هلندڙ تعليمي سينٽر ۾ پڙهي رهيا آهن. جيئن ته مون کي 8 ٻارن جي اولاد آهي. HCP Projectکان پوءِ، مون پهريان ته پاڻ ٻارن ۾ وقفو ڪرايو آهي. ۽ هاڻي ڳوٺ جي ٻين عورتن ۾ پڻ ٻارن ۾ وقفي جي فائدن بابت آگاهي ڏئي رهي آهيان. هن وڌيڪ ٻڌايو ته هنن جي زندگي ۾ مجموعي طور تي تمام گهڻي تبديلي آئي آهي. پهريان ڳوٺاڻن وٽ پالڻ لاءِ ڪڪڙيون به نه هونديون هيون. پر هاڻي هو بغير وياج واري قرض مان ٻڪريون وني ڌارين پيا. سرسو جي يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ واري پروگرام UCBPRP جي ڪري ڳوٺاڻيون ساديون عورتون سگهاريون ٿيون آهن. جيڪي مختلف پروگرامن ۾ شامل ٿي ٻين عورتن جي پڻ حوصلا افزائي ڪري رهيون آهن. رخسانه ٻڌايو ته سوسو جي خاص توجهه ۽ منظم ڪرڻ سان عورتن کي ڳوٺاڻي معاشري ۾ هڪ خاص مقام مليو آهي. ۽ اميد ڪجي ٿي سموري سنڌ ۾ غريب عورتن کي هڪ ڏينهن بهتر مقام ضرور ملندو.

# ايل ايس او ”اقراء“: جيڪب آباد جي هڪ مثالي تنظيم

بابر جاگيراڻي
مانيٽرنگ اويليوئيشن اينڊ ريسرچ آفيسر

سنڌ جي پُٺتي پيل علائقن مان جيڪب آباد پڻ هڪ آهي. جتي تعليم ۽ صحت سميت زندگيءَ جي ڪيترن ئي بنيادي ضرورتن جي اڻاٺ آهي. جڏهن ته ضلعي جيڪب آباد ۾ سڀ کان پُٺتي پيل علائقو تعلقو ڳڙهي خيرو آهي. هتان جي رهواسين جي زندگي بنيادي سهولتن کان ڪوهين ڏورگذري رهي آهي. ڇو ته تعليم جي گهڻتائي، طبي سهولتن جي اڻ هوند، سهپ ۽ رواداري جي اڻاٺ سبب هتي مختلف برادرين جا جهيڙا عام آهن. جيڪي سال ۾ ڪيترين ئي حياتيون ڳهي وجن ٿا. اهڙي ماحول ۾ عورتن جو جياپو ڏکن کان آجو ڪين ٿي سگهي ٿو!؟.

اهڙي صورتحال ۾ تبديليءَ جو خواب ڪٽي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي محنتي ۽ جفاڪش ٽيم پنهنجي موبلائيزيشن (سماجي تحرڪ) ۽ جاکوڙ شروع ڪئي. جڏهن سال 2010 ۾ يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ جو پروگرام سرسو ۽ حڪومتِ سنڌ جي سهڪار سان شروع ڪيو ويو هن پروگرام جو مقصد تڏهن کان هو ته غربت گهٽائڻ لاءِ غريب ماڻهن جي صلاحيتن ۾ جوڳو اضافو ڪجي ۽ جيڪو سلسلو اڃان تائين جاري آهي. هن پروگرام (UCBPRP) عورتن کي تنظيمن جي شڪل ۾ منظم ڪري سماجي جاڳرتا (Social Mobilization) ذريعي انهن ڳوناڻين عورتن جي زندگيءَ جي معيار کي بهتر ڪرڻ شامل آهي. خاص ڪري اهڙا گهراڻا جيڪي هنن علائقن ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذاري رهيا هجن.

تعلقي ڳڙهي خيري، ضلعي جيڪب آباد جي يونين ڪائونسل الله آباد ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي سهڪار سان تنظيمن جوڙڻ جي شروعات ڪئي وئي. جتي اسان کي ڪافي ڪاميابيون مليون آهن ۽ هن وقت تائين يونين ڪائونسل الله آباد ۾ پاڙي وارين تنظيمن جو تعداد 213، ڳوناڻي تنظيمن جو تعداد 96 ۽ هڪ LSO ”اقراء“ آهي جيڪا 8 نومبر 2013 ۾ جوڙي وئي. هن ايل ايس او جي جنرل باڊي جي ميمبرن جو تعداد 96 ۽ بورڊ جي ميمبرن جو تعداد 11 آهي. ايل ايس او ”اقراء“ ۾ شامل 96 ڳوناڻيون تنظيمون آهن ۽ هيءَ LSO سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ وٽ رجسٽرڊ ٿيل آهي ۽ ايل ايس او ”اقراء“ جو ڪاتو نيشنل بئنڪ ڳڙهي خيرو



برانچ ۾ ڪوليو ويو آهي.

لوڪل سپورٽ آرگنائزيشن ”اقراء“ جي چيئرپرسن گل خاتون ۽ ٻين ميمبرن جي جاکوڙ ۽ عورتن جي ڀلائي واري جذبي تحت سرسو ۽ ٻين ادارن کان ڪيترائي ڪم پنهنجي يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن ۾ غريب ماڻهن جي بهتري لاءِ ڪرايا آهن. اهو سڀ ڪجھ ايل ايس او ”اقراء“ جي باهمت عورتن جي ڪوشش ۽ سچي دل سان ڪيل محنتن جو نتيجو آهي. جنهن سبب هي سُکي ستابي ڀرپور ڀرپور ڀراڙين وارو سفر روان دوان آهي.



سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي سهڪار سان ايل ايس او ”اقراء“ ڪي يونين ڪائونسل الله آباد ۾غربت گهٽائڻ لاءِ 96 ڳوٺاڻين تنظيمن مان 64 ڳوٺاڻين تنظيمن کي سي آءِ ايف (ننڍي سطح جو بنا وياج قرض) ڏنو ويو آهي. جيڪا ڪل رقم -/ 1742،1000 روپيه آهي. انهيءَ شاندار سرگرميءَ تحت يونين ڪائونسل الله آباد جي 959 گهراڻن ڀرپور فائدو حاصل ڪيو آهي. جيڪي هن وقت بهتر زندگي گذاري رهيا آهن. ۽ يونين ڪائونسل الله آباد ۾ 40 گهراڻن کي 578000 آمدني ۾ اضافي جي لاءِ مفت امداد گرانٽ تحت رقم پڻ ڏني وئي آهي، جنهن سان اُهي گهراڻا ننڍي سطح تي دوڪان، چوپائي مال ۽ سبزين مان بهتر آمدني حاصل ڪري رهيا آهن. جڏهن ته يونين ڪائونسل الله آباد ۾ 92 نوجوان ڇوڪرن ۽ 315 ڇوڪرين کي مختلف هنري تربيتون پڻ ڪرايون ويون. جنهن جي نتيجي ۾ هاڻي اهي تربيت حاصل ڪندڙ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پنهنجو روزگار ڪري رهيا آهن ۽ گهر هلائڻ ۾ پنهنجي خاندان جي سربراهن جا ٻرجهلا ٻٽيا آهن. LSO ”اقراء“ جي پليٽ فارم تان يونين ڪائونسل مان چونڊ ڪري 28 عورتن کي TBA جون تربيتون ڪرايون آهن ته جيئن ڳوٺن اندر موجود عورتن کي ڪنهن به اوچتي ويم جي تڪليف دوران هڪ جذبي ۽ ايمانداريءَ تحت پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي سگهن.

**مختلف ادارن سان رابطاڪاري ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل ڪم:**

- NADRA (نادرا) اداري سان گڏجي موبائل وين گهرائي ڪري يو سي جي 7 ڳوٺن ۾ 209 عورتن جا قومي شناختي ڪارڊ ٺهرايا ويا.
- غريب مستحق 35 ميمبرن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا ڪارڊ ٺهرائي ڏنا ويا، جنهن وسيلي هر ٽيئن مهيني کين طئي ٿيل وظيفو ملي رهيو آهي.
- سيو دي چلڊرين اداري سان گڏجي يوسي جي 9 ڳوٺن ۾ تعميراتي اسڪيمون ڏنيون ويون جنهن ۾واٽر ڪورس، بچاءُ بند ۽ رستا وغيره شامل آهن.
- بي ايچ آر(BHR) اداري سان ملي ڪري يونين ڪائونسل ۾ 550 ڪچا گهر ڏنا ويا، في گهر جي رقم 30,000 هئي.
- ”Red Cross“ اداري سان گڏجي ڪري يوسي جي 4 ڳوٺن ۾ صحت ۽ صفائي بابت آگاهي سيشن ڪرايا ويا.
- ”HSSP team“ سان ملي ڪري سموري يونين ڪائونسل ۾ 0 کان 23 مهينن جي ٻارن ۽ حامله عورتن کي ٽڪا لڳرايا ويا.

- يونين ڪائونسل ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳرائي وئي جنهن ۾ فري ڊليوري، هيپاٽائيٽس، مليريا، ٽي بي جا ٽڪا لڳرايا ويا ۽ فئملي پلاننگ (خانداني رٿابندي) تي معلوماتي سيشن ڪرايا ويا.
- ايل ايس او ”اقراء“ پاران يوسي ۾صفائي ۽ وڻڪاري جي مهم هلائي وئي، جنهن ۾ يوسي الله آباد جي 22 ڳوٺن ۾ 3200 وڻ لڳايا ويا.

**ايل ايس او ”اقراء“ جي ساليانى منصوبہ بندي**

- ايل ايس او چيئرپرسن پاران وقف ڪيل پلاٽ تي ايل ايس او ”اقراء“ جي آفيس ٺهرائڻ.
- سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن سان ملي ڪري تعليم ، صحت ۽ ترقياتي اسڪيمن تي ڪم ڪرڻ.
- يونين ڪائونسل ۾ 100% حامله عورتن ۽ 0 کان 23 مهينن جي ٻارن کي ٽُڪا لڳرائڻ.
- يونين ڪائونسل جي سمورن ڳوٺن ۾ فئملي پلاننگ (خانداني رٿابندي) بابت آگاهي سيشن ڪرائڻ.
- غريب ۽ مستحق عورتن کي بينظير انڪم سپورٽ ڪارڊ ٺهرائي ڏيڻ.
- يونين ڪائونسل ۾ بند پيل اسڪول ٻيهرڪولرائڻ.
- يونين ڪائونسل ۾ 2 هنري ترقيءَ جا گروپ BDG ٺاهڻ.

تعلقي ڳڙهي خيرو ۾ سؤ سيڪڙو عورتن سان گڏجي ڪم ڪرڻ ڪو سولو ڪم نہ هو. اهڙي صورت حال ۾ تبديلي جو خواب ڪٽي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي محنتي ۽ جفاڪش ٽيم جي جاکوڙ ڪاري اونداهي ۾ هڪ ڏيئي جي لاٽ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن جا نتيجا اهي نڪتا آهن جو ڳڙهي خيرو جي ڏتڙيل علائقي سان تعلق رکندڙ ڳوٺاڻين عورتن، جيڪب آباد، شڪارپور، سکر، جام شورو، ڪراچي ۽ اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏوگڏ اتي پنهنجي اڙانگي سفر ۾ ماڻيل سوڀ کي سُرخرو ٿي پيش ڪن ٿيون، جيڪي ٻين لاءِ اتساهہ جو باعث بڻجي سامهون اچن ٿيون. جڏهن تہ ايل ايس او ”اقراء“ جي ميمبرن جي ٻيهر چوند پڻ ٿي آهي. ان چوندگڏجاڻيءَ ۾ سرسو جي اڳوڻي سربراهہ ميڊم ناهيد شاهہ پڻ شريڪ هئي. ان موقعي تي ايل ايس او جي جاکوڙي عورتن جي جدوجهد جي تمام گهڻي واکاڻ ڪندي چيو تہ ايل ايس او ”اقراء“ جو سموري سَٽ محنتي، قابل ۽ هوشيار آهي. هنن جا ماضي ۾ ڪيل ڪم ساراهہ جوڳا آهن ۽ مستقبل ۾ بہ هن ايل ايس جي جاکوڙي عورتن جي اکين ۾ سجايل ڀهراڙي جي عورتن جي سگهاري ٿيڻ وارو خواب ساپيا ماڻي سگهي ٿو.




جيتوٽيڪ سرسو پاران ڪوٺايل LSO Retreat 2016 ۾ ايل ايس او ”اقراء“ جي چيئرپرسن گل خاتون ايل ايس او جي ڪيل ڪمن جو تفصيل سان ٻڌايو جنهن کي سرسو چيئرمين جناب شعيب سلطان خان صاحب تمام گهڻو ساراهيو.

*

تپي ڪنڌين ڪوهه؟ ڏونگر ڏکوين کي،
جي تو پهڻ پٻ جا، ته لڳ منهنجا لوهه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، اَمُر مون سين ايئن ڪيو ! (شاهه)

# جتي ارادو مضبوط هوندو آهي اتي پٿر پاڻي ٿي ويندو آهي

زاهد ميراڻي
سوشل آرگنائيزر BLF Project جيڪب آباد

عطا محمد بروهي 60 سالن جو بزرگ ماڻهو آهي جيڪو ڳوٺ عبدالحڪيم بروهي، تعلقو ڳڙهي خيرو ضلع جيڪب آباد جو مستقل رهائشي آهي. هو سرسو پاران آفتن کان بچاءُ واري منصوبي جي تحت ٺهيل بزرگ دوست تنظيم جو ميمبر آهي. سرسو پاران هيءَ بزرگ دوست تنظيم نومبر 2014 ۾ ناهي وئي هئي.



ڳوٺ عبدالحڪيم بروهي جيڪب آباد شهر کان 55 ڪلوميٽر پري آهي. عطا محمد کي ٻن پٽن ۽ ڇهن نياڻين جو اولاد آهي جن مان هن جي وڏي نياڻيءَ جي عمر 28 سال ۽ ننڍي ۾ ننڍي نياڻيءَ جي عمر 18 سال آهي. هن جون سيئي نياڻيون شادي شده آهن ۽ پنهنجي خاندانن سان گڏ رهن ٿيون جڏهن ته عطامحمد پنهنجي گهرواري ۽ هڪ شادي شده پٽ سان گڏ رهي ٿو. هو پنهنجي خاندان جي گذر سفر لاءِ پنهنجي 4 ايڪڙ ٻني ڪيڙي ٿو جيڪا خانداني ميراث طور سندس حصي ۾ آئي آهي ۽ اهو ئي سندس اڪيلو ڪمائي جو ذريعو بہ آهي. شهر کان گهڻو پري هجڻ جي ڪري علائقي ۾ محنت مزدوري جا موقعا گهٽ آهن جنهن جي ڪري هي سمورو خاندان پنهنجي ڪمائي لاءِ ان 4 ايڪڙ ٻنيءَ تي ئي ڀاڙي ٿو. ان ٻنيءَ مان سالانہ آمدني اٽڪل 150000 روپين تائين هُئي.

2010 واري مها ٻوڏ ۽ 2012 واري برساتي ٻوڏ علائقي ۾ وڏي پيماني تي تباهي آڻي ڇڏي هئي. ٻوڏ جو پاڻي ڪيترن ئي مهينن تائين زمينن ۾ بيٺو رهيو ۽ ان سان زرعي زمينون شديد متاثر ٿيون. جيستائين زمينن ۾ پاڻي بيٺل رهيو مختلف انساني همدردي وارن ادارن ٻوڏ متاثر ماڻهن جي مدد جاري رکي. زرعي زمينن جي بحاليءَ لاءِ زرعي ٻج ۽ ڀاڻ وغيره امداد طور ڏنا ويا پر زرعي زمينن جي پيداوار ٻوڏ کان اڳ واري وقت کان تمام گهٽ لٿي. ماڻهو پنهنجي زرعي زمينن تي تمام گهڻي محنت ڪري رهيا هئا پر پيداوار حيران ڪن حد تائين گهٽجي وئي هئي ۽ ان مان گهر جو خرچ هلائڻ مشڪل ٿي پيو هو. عطامحمد بہ پنهنجي خاندان جي گذرسفر لاءِ ڪو متبادل وسيلو ڳولهڻ لاءِ سوچڻ لڳو پر ڪيس ڪجھ سمجھہ ۾ نہ اچي رهيو هو. هڪ ڏينهن هو پنهنجي ڪنهن دوست سان



ملڻ ويو هو جيڪو ٻوڙن جي ڪانن مان پترون ناهڻ جو ڪم ڪري رهيو هو. عطامحمد پنهنجي دوست کان ان ڪم متعلق وڌيڪ معلومات ورتي ۽ فيصلو ڪيو تہ هو بہ پنهنجي متبادل روزگار لاءِ پترون ناهڻ جو ڪم شروع ڪندو. هن ڪم سکڻ لاءِ پنهنجي دوست وٽ ڪجھ ڏينهن گذاريا ۽ جڏهن مهارت حاصل ڪئي تہ پنهنجي گهر اچي هن پترون ناهڻ جو ڪم شروع ڪيو. پترون اڪثر ڪري گهرن جي ڇتين ۾ استعمال ٿينديون

آهن ۽ گهڻ اگهه هجڻ جي ڪري غريب ماڻهو استعمال ڪندا آهن. جيئن ته مسلسل ٻن وڏين ٻوڏن جي ڪري علائقي ۾ اڪثر ماڻهن جا گهر ڪري پيا هئا ان ڪري پترن جي تمام گهڻي کپت هئي.

جيئن ته عطا محمد وٽ هي ڪم شروع ڪرڻ لاءِ ڪو به سرمايو نه هو جنهن مان ڪانا، رسيون ۽ ٻيو ضروري سامان وٺي سگهي. ان جي لاءِ هن اوڌر تي سامان وٺڻ شروع ڪيو. اوڌر تي ورتل سامان جو اگهه جيتوڻيڪ وڌيڪ هو پر ان ڪان سواءِ هن وٽ ڪو ٻيو وسيلو به ڪونه هو. سرسو پاران ضلعي جيڪب آباد ۾ جڏهن جياپو بهتر بڻائڻ لاءِ بزرگن کي با اختيار بڻائڻ وارو منصوبو شروع ڪيو ويو ته منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ بزرگ دوست تنظيم عبدالحڪيم بروهيءَ کي به ان ۾ شامل ڪيو. عطامحمد کي جڏهن ان منصوبي جي متعلق ڄاڻ ملي ته بزرگن ۽ معذور ماڻهن جي ڀلائي لاءِ سرسو کو خاص منصوبو هلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته هو تمام گهڻو خوش ٿيو. ان منصوبي تحت سرسو پاران جڏهن ننڍڙا قرض ڏيڻ جو پروگرام شروع ڪيو ويو ته عطا محمد به 15000 روپين جي قرض وٺڻ لاءِ درخواست جمع ڪرائي. هن پنهنجي ڪاروباري منصوبي ۾ پترون ناهڻ جي ڪم کي ننڍي سطح کان وڌائي ڪجهه وڏي سطح تي شروع ڪرڻ کي تجويز ڪيو. هو پنهنجي هن ننڍي پيماني واري ڪاروبار مان 70 کان 100 روپيه روزانو منافعو ڪمائي رهيو هو ڇوته هو گهربل سامان اوڌر تي وٺي رهيو هو. سرسو پاران هن جي قرض جي درخواست منظور ڪئي وئي ۽ هن جو ڪاروباري منصوبو به عمل لائق ڄاڻائي قرض جاري ڪيو ويو.

اپريل 2016 ۾ هن کي 15000 روپيه جو قرض جاري ڪيو ويو.

عطامحمد قرض جي رقم مان ڪافي مقدار ۾ ٻوڙا، ڪانا ۽ رسيون خريد ڪيون ۽ ڪجهه وڏي سطح تي پترون ناهڻ جو ڪم شروع ڪيو. هاڻي هن پنهنجي زال ۽ ننهن کي به پترون ناهڻ جي ڪم ۾ شامل ڪيو ته جيئن گهڻيون پترون ناهي وڌيڪ رقم ڪمائي سگهجي. هو هاڻي روزانو ڇهه پترون روزانو ناهڻ لڳا جن جي ماپ 20 فوٽ ڊگهي ۽ 8 فوٽ ويڪري هوندي آهي. هڪ هڪ نهيل پتر 750 روپين ۾ وڪڻڻ لڳا جڏهن ته انهن جي ڪل لاڳت 450 کان 500 روپيه آهي. اهڙي ريت هو هڪ پتر تي 250 کان 300 روپيه منافعو ڪمائڻ لڳا. اهڙي ريت عطامحمد روزانو 1000 کان 1250 روپين تائين منافعو ڪمائڻ لڳو. هو پنهنجي قرض جي واپسي جون قسطون وقت تي ادا ڪري ٿو ۽ پنهنجي واڌو ڪمايل رقم مان تمام گهڻو خوش آهي. جيئن ته هن کي ٻوڙا ، ڪانا، رسيون وغيره وٺڻ لاءِ ڀرپاسي وارن ڳوٺن ۾ به وڃڻو پوي ٿو ۽ ڏيتي ليتي ڪرڻ لاءِ به ڳوٺ کان ٻاهر وڃڻ ڪري روازانو ڪم ڪرڻ ۾ رخنو اچي وڃي ٿو. هو سراسري طور 20 ڏينهن مهيني ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ سراسري طور مهيني ۾ 20 هزار کان 25 هزار منافعو ڪمائي ٿو. هن ماڻهن کان ورتل قرض به واپس ڪري ڇڏيا آهن ۽ ڪجهه بچت ڪرڻ به شروع ڪئي آهي. گڏ ڪيل بچت واري رقم جي بهتر سرمائيڪاري ڪرڻ لاءِ هن بچت مان هڪ ٻڪري به ورتي آهي ته جيئن پنهنجي گهر جي اثاثن ۾ اضافو ڪري سگهي.



مون وٽ هاڻي پنهنجو ذاتي سرمايو آهي ۽ مان پنهنجي ان ڪم مان تمام گهڻو خوش آهيان. مان پنهنجي خاندان جي پالنا سٺي نموني ڪري رهيو آهيان ۽ گهر جي خرچ پکي لاءِ هاڻي مون کي پريشاني نه رهندي آهي. مون کي پڪي اميد آهي ته هاڻي زندگيءَ جي ڏکين ڏينهن جي لاءِ مون وٽ ڪافي بچت ٿيل رقم به هوندي. سرسو جي وڏي مهرباني آهي جن بزرگن کي خوشين ڀري زندگي گذارڻ لاءِ رهنمائي ڪئي آهي ۽ انهن جي مدد ڪئي آهي. جن جي مخلصانه ڪوشش بزرگن جي زندگيءَ ۾ سٺي تبديلي آندي آهي.

# قرض ننڍو - فائدو وڏو

نظير احمد مگسي
سوشل آرگنائيزر ايس ايم يوڪنڌڪوٽ




مسمات هوتني زال مزمل خان ڳوٺ وشال خان بالڪاٽي يونين ڪائونسل للئو تعلقو تنگواڻي ضلع ڪشمور- ڪنڌڪوٽ جي رهواسڻ آهي. ڪيس 3 پٽن ۽ 3 نياڻين جي اولاد آهي. سندس گهر جو چرخو مزمل خان جي روزانه مزدوري تي هلي پيو. مزمل کي ڪڏهن مزدوري لڳي ته ڪڏهن نه، پوءِ هِن هُن کي پيا ڏسندا هئا مطلب ته سندن گهر جو گذر مشڪل سان ٿيندو رهيو آهي، ۽ اهو اڪثر ڏٺو به ويو آهي ته مزدور کي مزدوري نه لڳندي ته دوڪان تان راشن اوڌر تي ڪڻندو پوءِ دوڪاندار به اوڌر ڏيڻ کان ڪيٻائيندو آهي ته غريب آهي اوڌر ڏئي ڪونه سگهندو. جڏهن سرسو هن ڳوٺ ۾ تنظيم ناهڻ جو سلسلو شروع ڪيو ته مسمات هوتني سيني عورتن کي گڏ ڪري سرسو ٽيم سان ملايو ۽ سرسو ٽيم اداري جو تعارف ڪندي ڪين بچت ڪرڻ، منهنجي مدد پاڻ تحت ڪجهه ڪري ڏيکارڻ، منظم ٿيندي گهڻو ڪجهه ڪرڻ جو ڪين ٻڌايو. اهڙي طرح هن ڳوٺ ۾ هڪ تنظيم CO ”حاجرا“ جوڙي جنهن جي هوتني به ميمبر طور شموليت اختيار ڪئي. تنظيم جون گڏجاڻيون به ڳوٺ ۾ ٿينديون رهيون گڏوگڏ ٿوري ٿوري بچت سان گڏ سرسو سان سندن جو تعلق به بحال رهيو. غريب هئڻ ڪري مسمات هوتني قرض به نه پئي ورتو ڇوته سندس چواڻي ته وياج وارو قرض هوءَ ڪٿان لاهيندي، پر ڪجهه عرصي بعد جڏهن 2015ع ۾ ضلعي ڪشمور ۾ وزير اعظم جو بغير وياج واري قرض جو پروگرام PMIFL شروع ٿيو ته هن به ان مان فائدو وٺڻ جو سوچيو ۽ هن پنهنجي ڳوناٽي تنظيم جي ميمبرن سان صلاح مشورو ڪيو ۽ بغير وياج اسڪيم مان فائدو وٺڻ لاءِ گذارش ڪئي ۽ ڪين -/20,000 قرض طور حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني. جيڪا درخواست اداري جانچ ڪانپوءِ منظور ڪئي ۽ هن کي -/20,000 جو چيڪ فيبروري 2015ع ۾ ڏنو ويو. هنن پئسن هن جي زندگي بدلائي ڇڏي. چيڪ پاس ٿيڻ بعد مڙس سان مشورو ڪندي منصوبي تحت هنن ٻه ٻڪريون خريد ڪيون. ٿوري عرصي بعد ٻڪرين ڦر ڏنا، گهر ۾ پنهنجي ٻڪرين جو کير ڏسي هنن کي ڪافي خوشي محسوس ٿي. مسمات هوتني انهن ٻڪرين جو کير پنهنجي ٻارن کي ٻه پيئاري ٿي ۽ چانهه لاءِ پڻ ڪتب آڻي ٿي. هنن جو سٺو وقت گذري رهيو هُو. ڪجهه عرصي بعد هنن هڪ ٻڪري ۽ هڪ ڦر وڪرو ڪيو ۽ ورتل قرض لاٿو.

مسمات هوتني ٻڪرين پالڻ واري رٿا ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ هڪ ٻيو منصوبو سوچيو ۽ مڙس سان مشورو ڪيو ته قرض وٺي ڳوٺ ۾ دوڪان کوليون، جنهن تي سندس مڙس راضي ٿيو ۽ هن تنظيم هڪ ٻئي قرض لاءِ درخواست ڏني جيڪا اداري کي موڪلي اداري هن جو رڪارڊ ڏسي ڪري هن کي ٻيو پيرو 15000 قرض جون 2016ع ۾ ڏنو، جيڪو قرض منصوبي تحت ڳوٺ ۾ هنن ننڍي پئماني تي ڪيبن (پڙي) خريد ڪئي ۽ ان ۾ سامان رکي مسمات هوتني پاڻ هلائڻ شروع ڪيو. سندس هٿ ونڊائڻ لاءِ مزمل به مزدوري نه لڳڻ جي صورت ۾ دڪان تي ويهندو آهي. مسمات هوتني ۽ هن جي گهرواري کي ان ماندلي (پڙي) مان روزانو 300-200 روپيه ڪمائي ٿيندي آهي. هن وقت مسمات هوتني ۽ سندس گهر بهتر زندگي گذاري رهيا آهن. هوتني چواڻي ته ڀرين قرض مان ورتل ٻڪريون الله جي فضل سان وڌي به رهيون آهن ۽ گڏوگڏ گهر ۾ کير به ملي رهيو آهي.

مسمات هوتني ٻڌايو ته مان ۽ منهنجو گهر وارو وزيراعظم جي بنا وياج واري پروگرام مان تمام گهڻو خوش آهيون ڇوته هن پروگرام جي اچڻ سان اسان جي زندگي بدلجي وئي آهي، غريب ته اسين آهيون، مزدور آهيون مزدوري ڪري پنهنجا ٻچا پاليندا آهيون، پر هن دور ۾ اهڙا بغير وياج وارا پروگرام اسان لاءِ ته وڏي ڳالهه آهن. اسين سرسو جا ته تمام گهڻا شڪرگذار آهيون هن اداري جي سچار ٽيم غريب، ڀهراڙين ۾ رهندڙ پنتي پيل ماڻهن جي واهر ڪري ٿو. هاڻي اسين پنهنجي ٻارن جي مستقبل لاءِ سوچي به سگهون ٿا ۽ هنن جي خوشحال مستقبل لاءِ بچت پڻ ڪري رهيا آهيون، سرسو جو ساٿ ائين رهيو ته انشاءالله ڀهراڙي جي هر عورت ڪامياب ضرور ٿيندي.

# ڏکيون جان نہ مِڙن !

زبير سومرو
مئنيجر آءِ-ايم-ايس-ڊي، سرسو سکر

باک ڦٽي تي، جند جُڙي ٿو، مال چُرِي ٿو، ڳوٺ جا ننڍا وڏا، ٻچا ٻُڍا، گهر ڌياڻيون اٿن ٿيون ۽ جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، وڏا وَس ڪرڻ شروع ڪن ٿيون. شاهه لطيف جي مصداق جي سڏ جو پڙاڏو ٻڌجي وڃن ٿيون.

جنين ڏاند نہ ٻج، تنين تنهنجو آسرو،
پوءِ اپارين سج، اول ڏيج انهن کي!

ضلعي جيڪب آباد جو ڳوٺ احمد ميان سومرو بہ سنڌ جي ٻين ڳوٺن وانگر هڪ عام ڳوٺ آهي، جتي مارو ماڻهو ”جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، وڏا وس ڪيام“ واري مصداق هيٺ زندگي گهاري رهيا آهن. جيئڻ جا جتن ڪندڙ هن ڳوٺ جا ٻچا ٻڍا توڙي عورتون زندگيءَ جي مشڪلاتن سان مهاڏو اٽڪايون بيٺا آهن.

رات ڪٽي ۽ اسر ٿيندي ئي ڳوٺ ۾ زندگيءَ جي چهل پهل شروع ٿئي ٿي، ڪي روزيءَ جي تلاش ۾، ڪي ڪٿي تہ ڪي ڪٿي ...

بُٺي پاسي، بيروزگاري، اسڪول بند، صحت مرڪزن جو حال پورو سارو، روڊ رستا اهنجا مطلب تہ حياتيءَ جي گذرسفر جو سامان سَڙو اٽپورو ۽ اڌورو.

گهر ڌياڻيون ويچاريون ۽ نماڻيون! نہ عورتن جا حق، نہ انساني حق .... باک ڦٽي اُٿن ۽ سڄو ڏينهن ڪم ... ڪم ... ڪم ... مٿان وري اڻپوري غذا، بيماري بڙيءَ ۾ نہ دوا درمل، جوڙهن پندرنهن ورهين تيا ناهن، نياڻيءَ بار سمجهي اتارڻ جي ڳڻتي والدين کي ڪائي ٿي ۽ سُتت ئي ڪچي وهيءَ ۾ پهرئين آيل کي سگ ڏيو ڇڏين.

اهڙي صورتحال ۾ سرسو انهن گهر ڌياڻين، نياڻين ۽ سورمين کي ”اچو ڙي سورن واريون، ڪيون ڪا سور پچار“ جو سڏ ڏنو، جنهن کي LSO انمول جي اڳواڻ مسرت ابڙو ورنايو.

مسرت ڳوٺ احمد ميان سومرو ۾ ڪو انقلاب نہ آندو آهي يا ڪير جون نديون نہ وهايون اٿائين. پر، ايترو ضرور چئبو تہ، سينوارجي ويل سماج جي ٻينل ڍُبي کي هڪ پٿر ضرور هنيو اٿائين، جنهن سان انهي بدبودار تلاءَ ۾ تازي لهر اُٿي آهي.



ڏهن ڀائر ڀينرن ۾ مسرت پنجون نمبر هئي، جنهن عام ڇوڪرين وانگر، سندس گهر وارن تيرنهن ورهين جي معصوم عمر ۾ هڪ ڳڏهه گاڏي واري سان پرڻائي ڇڏيو. مسرت اُداس لهجي ۾ سرسو ٽيم کي ٻڌايو تہ:

”بابا هوٽل جو بيرو هو- منهنجو مڱيندو، چاچي جو پٽ هو، جيڪو امان کي پسند نہ هو. منهنجي پسند نا پسند جو تصور ئي نہ هو. بابا جو ڪو ايڏو زور هو، پائرن زوري نڪاح ڪرايو. ڪير ڪڇي، هڪ ڳوناٽو رواج ٻيو مرداڻو سماج - بس ڪٽي چپ ڪئي سي.“

اهو هو سرسو جي تنظيم کان اڳ مسرت جي زندگيءَ جو هڪڙو



رخ. انهيءَ سکي جو ٻيو رخ ملاحظ ڪريو:

”شادي ڪري ڳوٺ آيس، ڪجھ بہ نہ بدليو، سواءِ گھر ياتين ڪان .... اُهي ئي رويا، اُهي ئي پٽڪا ... ”ساڳيا لاٺون، ساڳيا چڳھ“ اهو ڏينهن منهنجي حياتيءَ جو ڪو سياڳو ڏينهن هو جڏهن مان سرسو پاران جوڙايل ڳوٺاٽي تنظيم ۾ ميمبر بڻيس. شروع شروع ۾ ڏاڍو خوف هو، گھر توڙي ڳوٺ وارن طرفان بہ مخالفت ۽ طعنا هيا. پر مان نہ مُڙيس، ڇوتہ مون کي يقين هو تہ هي تنظيم منهنجي روشن مستقبل جي نشاني آهي. مون محنت ڪئي، تربيتون ورتيون 2010ع ۾ قدرتي آفت (ٻوڏ)، جنهن ۾ نہ رڳو اسان گھر، مال متاع لڙهي بہ ويا گڏوگڏ اسان جا خواب بہ لڙهي ويا.“




مسرت زندگيءَ ۾ تبديليءَ جي سفر بابت اڳتي ٻڌايو تہ:

”سرسو، اسان کي ٻڌايو تہ عورت ڇا آهي؟ ۽ ان جا حق ڪهڙا آهن؟. اڄ مان بئنڪ ويندي آهيان، شهر جي مختلف آفيسن ۾ آفيسرن سان ملي، ڳوٺ جي معاملن تي بحث ڪندي آهيان. سڀ کان وڌيڪ اهم تہ تنظيم انهن ستن سالن ۾ منهنجي پنهنجي گھر جي ياتين خاص طورتي مردن جي اڳيان ڪنڌ اوچو ڪرايو آهي. اڄ مختلف ادارن جا ماڻھو ڳوٺ جي وڏيري ۽ مون سان ملي، ڳوٺ جي معاملن تي ڳالهائيندا آهن.

”هاڻي مون عهد ڪيو آهي تہ ڪابہ نئين ڇوڪري، ننڍي عمر ۾ نہ پرڻائي ويندي، ۽ نہ ڪا ڪوڙي الزام هيٺ ايندي، ڇوتہ هاڻي هن ڳوٺ جي عورت سجاڳ ٿي چڪي آهي.

ڏکيون جان نہ مِـڙن، تـان تـان پَـنـڻ نہ ٿـئـي،
پـنـڻ واريـون پـدريـون، ڳاڙها ڳل سـنـدن،
ٻيون هونءَ ئي هٿ هڻن، روئنديون روئڻ واريون!

(شاهه لطيف رح)

# بزرگن واري پراجيڪٽ جو احوال (HelpAge International)

نثار احمد پناڻ
فوڪل پرسن HAI سرسو سکر

سرسو ۽ هيلپ ايج انٽرنيشنل پائيچاري تحت بزرگن جي بهبود ۽ ڀلائي لاءِ جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ 2010ع کان وٺي ڪم ڪري رهي آهي. هن پروجيڪٽ تحت بزرگن جون تنظيمون جوڙي ڪين پاڻ پرو ڪرڻ سان گڏوگڏ بزرگن جي حقن جي حاصلات لاءِ سڄاڻ وندن تائين آواز پڻ پهچايو وجي ٿو. نتيجتن سنڌ سرڪار بزرگن جي ڀلائي ۽ سندن جي حقن جي تحفظ لاءِ اسيمبلي مان قانوني بل پڻ پاس ڪرايو آهي.

هن پروگرام تحت 107 بزرگن جون تنظيمون ٺاهيون ويون آهن. جنهن ۾ 6000 کان وڌيڪ ميمبر آهن. انهن ميمبرن کي پاڻ پرو ڪرڻ لاءِ مرغباني ۽ گهريلو سطح تي سبزيون پوکڻ ۾ مدد فراهم ڪئي وڃي ٿي، ته جيئن هو مصروف رهندي پنهنجي آمدني ڪمائي سگهن ۽ ٻي ڪنهن جي آڏو هٿ نه ٽنگين. اهڙي طرح بزرگن کي بغير وياج جي قرض به ڏنا ويندا آهن ته جيئن هو پنهنجو جياپو بهتر بڻائي سگهن. سندن حقن جي تحفظ لاءِ ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ سنڌ سرڪار جي وزيرن، چونڊيل نمائندن، سرڪاري ادارن جي سربراهن سان هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سيڪريٽري قانون، سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، پلاننگ کاتي جا عملدار وزير، مُشير ۽ ٻيا آفيسر شريڪ ٿيا. گڏجاڻي ۾ تازو پاس ٿيل بل تي پنهنجا ويچار ونديا ۽ ايڪٽ تي عملدرآمد ٿيڻ جو يقين پڻ ڏياريو. هيلپ ايج اسلام آباد جي آفيسر ڊاڪٽر عجيبا کي اسلم پڻ يقين ڏياريندي چيو ته بزرگن جي ڀلائي لاءِ سرسو ۽ هيلپ ايج انٽرنيشنل آئينده به گڏجي ڪم کي جاري رکندا ۽ بزرگن کي بهتر کان بهتر سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رهنديون.






ڪيل ڪمن جو چارٽ هيٺ ڏجي ٿو

| نمبر | تفصيل | تعداد |
| --- | --- | --- |
| 1 | بزرگ دوستن جون ناهيل تنظيمون (OPAs) | 107 ميمبر 6050 |
| 2 | بزرگ دوستن جي تنظيمن جون تربيتون | 107 |
| 3 | بزرگ دوستن تنظيمن کي ٻيهر سراسري تربيتون | 107 |
| 4 | انگ اکر گڏ ڪرڻ جون تربيتون | 16 |
| 5 | منصوبه سازي ۽ نگهباني ڪرڻ جون تربيتون | 18 |
| 6 | پيروڪاري تي مبني تربيتون | 30 |
| 7 | پيروڪاري مهم | 50 |
| 8 | ڄاڻ لاءِ فراهم ڪيل مواد | 2000 |
| 9 | لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن سان رابطا ڪاري | 100 |
| 10 | قانون جي برابري واري ڏنل مدد | 200 |
| 11 | صوبائي سطح تي ڪيل سيمينار | 03 |
| 12 | اکين جي لڳايل ڪيمپ | 01 |
| 13 | بغير وياج تي ڏنل قرض | 2 ڪروڙ |
| 14 | 5-10 سيڪڙو وياج تي ڏنل قرض | 900 |
| 15 | لڳايل ٻوٽن جو تعداد | 1 لک |
| 16 | ڊيٽابيس ناهڻ | 100 % |
| 17 | سينسيٽائيز ورڪشاپ | 3 |
| 18 | صحافين سان ورڪشاپ | 3 |
| 19 | پيرا ليگل سپورٽ | 10 |
| 20 | ڊيٽابيس ناهڻ | 100 % |
| 21 | مرغيون ڏنل | 450 يونٽ |
| 22 | ڪچن گارڊن ۽ ڏنل ٻج ۽ ٽول ڪٽ | 300 گهراڻا |
| 23 | پيرا ليگل ۾ ڏنل مدد | 300 |
| 24 | پاليامينٽرين سان ڊائلاگ | 2 |
| 25 | اکين جون ڪئمپون | 12 |

هي پروگرام جاري ۽ ساري آهي، ۽ اميد تي ڪجي ته بزرگ دوست مختلف ادارن، سياستدانن ۽ وس وارن عملدارن سان ملي ڪري جيڪو سنڌ اسيمبلي سندن پلائي وارو بل منظور ڪيو آهي. ان تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ضلعن ۾ عملي مظاهرو ڪندي وڏيڪ عمر جي ماڻهن کي سرڪار پاران اعلانيل سهوليتون وٺرائي ڏيڻ لاءِ وسان نه گهٽائيندا. سنڌ حڪومت پڻ بزرگن جي اهميت کي محسوس ڪندي متحرڪ آهي ۽ ڪوشئون ڪري رهي آهي ته بئنڪ، ٽڪٽ گهر، ٽرانسپورٽ جهڙن هنڌن تي بزرگن کي مراعتون ميثر ٿي سگهن.

*

# هڪ متحرڪ ڪارڪن: گل حسن چاچڙ

سنڌ جي ڪپهه اپائيندڙ علائقن ۾ ٻارن جي حقن جي واڌاري جو پروگرام (CRCFA)

آصف علي ملڪ
سوشل آرگنائيزر
CRCFA ضلع گهوٽڪي

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اندر غريب ڳوٺاڻن جي سهائتا لاءِ مختلف منصوبا جاري آهن، انهن مان هڪ يونيسف جي مالي معاونت سان Child Rights in Cotton Farming Areas (CRCFA) منصوبو گهوٽڪي ۾ پڻ هلي رهيو آهي، ڪپهه اپائيندڙ علائقن ۾ ٻارن جي حقن جي نالي سان. جنهن وسيلي ٻارن جي حقن بابت بنيادي معلومات ۽ رسائي کي ممڪن بڻايو پيو وڃي.

هن پروجيڪٽ ۾ يونين ڪائونسل عادلپور جي مقامي رضاڪار گل حسن چاچڙ جون خدمتون پڻ تعريف لائق آهن. گل حسن جو تعلق عادلپور جي هڪ ڳوٺ جان محمد پٽي سان آهي. گل حسن نهايت ئي ايماندر ۽ سچو ۽ جاکوڙي ڪارڪن آهي. هن محنتي ڪارڪن گهوٽڪي ۾ ”سنڌ جي ڪپهه اپائيندڙ علائقن ۾ ٻارن جي حقن جي واڌاري جي پروگرام“ مان ٻارن جي حقن کي هٿي ونرائڻ متعلق تربيت ۽ معلومات حاصل ڪئي. جنهن ڪانپوءِ گل حسن پنهنجي علائقي ۾ ٻارن جي حقن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مختلف وقتن تي ٻارن جون سرگرميون منعقد ڪرايون ۽ انهن ۾ ڀرپور حصو پڻ وٺندو رهيو. جيئن ته گهوٽڪي جي يونين ڪائونسل عادلپور ۾ ننڍي عمر جون شاديون ڪرائڻ جو عام رواج آهي ۽ اهڙين شادين کي ڪو به عيب ناهي سمجهو ويندو جيڪو انتهائي غلط آهي. ڇو ته هن علائقي واسين کي ڪا به ڄاڻ ناهي ته ننڍي عمر جي شادي ڇوڪري ۽ ڇوڪري ٻنهي لاءِ نقصانڪار آهي. پر جتي گل حسن جهڙا باصلاحيت ڳوٺاڻا موجود هجن اُتي اهڙين غيرقانوني رسمن ۽ ڪمن کي روڪڻ لاءِ ڪوشش ونڻ سندن لاءِ ضروري ٿي پون ٿيون. جيئن ته ٻارن جي حقن واري منصوبي مان گل حسن




اڳي ئي معلومات حاصل ڪري چڪو هيو ۽ ڳوٺن ۾ ٿيندڙ ننڍي عمر جي شادين کي روڪڻ لاءِ ڪافي ڪوشش پڻ ڪيون آهن. ڇوندا آهن ته سچي نيت ۽ دل سان ڪيل ڪوشش رائيگان ناهن ويندي.

گل حسن جي ڪوشش جو هڪ مثال ڏهين ڪلاس جي شاگرديائي پندرنهن سالن جي معصوم زيب النساء ڌيءُ راڻو خان، جنهن جي اجان ڪيڏڻ ۽ تعليم پرائڻ جي عمر آهي، زيب النساء کي اِهو معلوم ئي نہ هيو تہ ڪا هن جي شادي جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي. ۽ جڏهن زيب النساء کي خبر پئي تہ هن جون ننڊون حرام ٿي ويون. هڪ تہ هن جي عمر ننڍي هئي ٻيو تہ هن جو خواب هيو تہ مان تعليم پرائيندس، اها خبر جڏهن گل حسن کي پئي تہ معصوم نياڻيءَ جيڪا تعليم حاصل ڪري رهي آهي سندس جي عمر بہ ننڍي آهي ۽ هن جي شادي ڪرائي پئي وڃي، تہ بنا ڪنهن دير جي زيب النساء جي والد سان وڃي مليو ۽ ڪيس معصوم نياڻيءَ جي شادي ڪرائڻ کان هن کي روڪيو ۽ ڪيس ننڍپڻ جي شادي جا نقصان ٻڌائڻ سان گڏ تعليم حاصل ڪرڻ جا فائدا پڻ ٻڌايا. گل حسن جي ڳالهہ راڻي کي سمجهہ ۾ اچي وئي. تنهن بعد راڻي نہ فقط شادي روڪي ڇڏي. گڏوگڏ زيب النساء کي تعليم جاري رکڻ جي تلقين بہ ڪئي ۽ گل حسن جا ٿورا پڻ مڃيندي چيو تہ توهان وقت سان اچي مون کي آگاهي ڏئي جڻ تہ مون تي احسان ڪيو ۽ منهنجي نياڻي جي زندگي کي بہ ڏکيائين ۽ تڪليفن کان بچايو.

ڪجهہ عرصي بعد وري جڏهن 14 سالن جي نينگريءَ ۽ نائين ڪلاس جي شاگرديائي فرزانہ ڌيءُ مير هزار خان جنهن جي پڻ شادي مقرر ڪئي وئي هُئي. اها سُڌ جڏهن گل حسن کي پئي تہ هن جلدي ڪوشش ڪري فرزانہ جي پيءُ ۽ امڙ کي سندن ڳوٺ وڃي ڪري سمجهايو تہ ننڍي عمر جي شادي ڪافي نقصانڪار آهي. ننڍي عمر جي شادي ڪانپوءِ عورتن کي ٿيندڙ خطرن بابت ڪين آگاهہ ڪيو ۽ اهو پڻ ٻڌايو تہ ننڍي عمر جي شادي قانونن ڏوهہ پڻ آهي. ۽ اهو قانون هاڻي اسان جي ملڪ اندر لاڳو ٿي چڪو آهي. ڪافي ڪجهہ سمجهائڻ ڪانپوءِ آخر هنن کي سمجهہ ۾ ڳالهہ اچي وئي ۽ فرزانہ جي شادي کي روڪيو ويو. فرزانہ هاڻ تعليم حاصل ڪري رهي آهي، ۽ ڪيس اها خبر آهي تہ هاڻ سندس شادي ننڍي عمر ۾ ڪانہ ٿيندي. گل حسن جي انهن ڪوشش کان پوءِ انهن ٻارن جي والدين اهو احساس ٿيو تہ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو هو اهو غلط ٿي رهيو هو ۽ آئينده پنهنجي ۽ ٻين ٻارن جي حقن جو تحفظ لاءِ گڏجي ڪم ڪنداسين ۽ علائقي واسين کي بہ سمجهائينداسين.

اهو سڀڪجهہ گل حسن جي بي لوث خدمت، سچائي ۽ جاکوڙ جو نتيجو آهي. جو اڄ زيب النساء ۽ فرزانہ پنهنجي ٻالڪپڻي جي خوشيءَ جو مزو ماڻي رهيون آهن. خاص ڪري هنن جي تعليمي زيور وارو خواب هاڻ ساڀيان طرف تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. هوڏانهن ٻنهي نياڻن جا والدين ٻين کي ننڍپڻ جي شادين ڪرائڻ کان روڪي رهيا آهن ۽ ماڻهن کي پنهنجا مثال ڏئي ڪين مائِل ڪري رهيا آهن تہ سرسو وارا جيڪو چون ٿا اهو نيڪ آهي ٻارن جي ننڍي عمر ۾ شادي نہ ڪرائڻ گهرجي کي تعليم ڏيارجي تہ جيئن هو ملڪ ۽ ڳوٺ لاءِ ڪارائتا شهري بڻجي علائقي واسين جي خدمت ڪن. هاڻ سرسو (SRSO) ۽ يونيسيف (UNICEF) بابت يونين ڪائونسل عادلپور جي علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ اسين سرسو ۽ يونيسف اداري جا شڪر گذار آهيون جن جي مدد سان هن علائقي ۾ ٻارن جي حقن ۽ رسائي بابت آگاهي ڏني. پهريان تہ اسان کي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي تہ ڪوئي ٻارن جا حق بہ ٿيندا آهن! پر هن پروجيڪٽ اچڻ بعد ۽ مهيا ڪيل آگاهي ڪانپوءِ نتيجي ۾ ٻارن کي پنهنجا حق آهستہ آهستہ ملي رهيا آهن. جنهن سان ٻارڙن جي زندگي خوشحال ۽ آسان بڻجي ۽ ايندڙ وقت ۾ انشاءالله معصوم ٻارڙا پنهنجي منزل ماڻيندا.

*

جي هنيانءُ نہ هارين ڪوهيارل - هي ڏينهن بہ گھاري ويندا سين،
چــو پــيــر پــســاري ويــتــو آن - اُٿ ڏونـگـر ڏاري ويندا سين.

# اميد جو ڪرڻو

زيب النساء سومرو
سوشل آرگنائيزر BLF Project شڪارپور

وزيران زال غلام اصغر ڳوٺ رحيم آباد، يونين ڪاميٽي رحيم آباد تعلقو خانپور ضلع شڪارپور ۾ رهندڙ 76 سالن جي هڪ بزرگ عورت آهي. رحيم آباد شڪارپور ضلعي هيڊڪوارٽر کان 25 ڪلوميٽر پري انڊس هائي وي روڊ سان هڪ ٻئي ننڍي روڊ ذريعي ڳنڍيل آهي. هن کي چئن پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي جن مان وڏي پٽ جي عمر 26 سال ۽ ننڍي ۾ ننڍي پٽ جي عمر نو سال آهي. هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ رهي ٿي. هوءَ سرسو پاران قائم ڪرايل بزرگ دوست تنظيم جي ميمبر آهي جيڪا 3 فيبروري 2015 تي قائم ڪئي وئي. هوءَ پنهنجي بزرگ دوست تنظيم جي نائب خزانچي آهي ۽ ان سان گڏ تنظيم جي روزگار واري ذيلي ڪاميٽيءَ ۾ بہ شامل آهي. هي هڪ غريب خاندان



آهي ۽ هڪ ڪچي ڪمري ۾ رهي ٿو. هي غربت واري زندگي گذاري رهيا آهن. گھر وارو پلاٽ هڪ مقامي زميندار جو آهي جنهن کين پنهنجي پلاٽ تي گھر اڏڻ ۽ رهائش اختيار ڪرڻ جي سهولت ڏني آهي پر ڪنهن بہ وقت ان گھر ڪپائڻ يا ڪنهن ٻئي ماڻهو کي گھر منتقل ڪرڻ جو اختيار نہ ڏنو آهي. وزيران جو مڙس پنهنجي خاندان جي گذر سفر لاءِ زميندار جي ٻنيءَ تي هارپو ڪري ٿو، جنهن ۾ سندس وڏو پٽ ۽ زال بہ هٿ ونڊائين ٿا. هي غريب خاندان ٻارڙن جي تعليمي خرچن کي برداشت نہ ڪرڻ جي ڪري پنهنجي ٻارن کي اسڪول موڪلي نہ ٿا سگھن ان لاءِ ٻارن کي ڳوٺ جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو آهي جتي هو مفت ۾ ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

وزيران ۽ ان جي خاندان جي ڪمائي جو اڪيلو ذريعو ڪڙمت آهي. هو مقامي زميندار جي زمين تي هارپو ڪن ٿا جتان سندن حصي ۾ سال جي ڪائڻ جيترو ان اچي ٿو. هو غربت واري زندگي گذاري رهيا آهن ۽ زندگيءَ جي ڪيترن ئي بنيادي سهولتن کان محروم آهن. خاندان جي ڪل ملڪيت ڪجھ ڪٽون، ٿانو ۽ هنڌ بسترا آهن جيڪي روزمره جي استعمال ۾ اچن ٿا. غربت جي ڪري انهن کي پنهنجي غذائي ضرورتن ۽ صحت تي بہ سمجهوتو ڪرڻو پوي ٿو. ڪنهن بيماري وغيره جي ٿيڻ جي ڪري هو ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کان علاج ڪرائڻ جي بدران ڳوٺاڻي نيم حڪيم ويج طبيب کان علاج ڪرائڻ کي ترجيح ڏيندا آهن ڇو تہ هو گھٽ پئسن ۾ ٽڪي ڦوٽو ڏئي علاج ڪري ٿو. وزيران پنهنجي مڙس سميت سال 2014 ۾ بزرگ دوست تنظيم ۾ شموليت اختيار ڪئي. هوءَ تنظيم جي گڏجاڻين ۾ باقائدگيءَ سان شرڪت ڪري ٿي بزرگ دوست تنظيم رحيم آباد جي سرگرمين ۾ بہ وڌي چڙهي حصو وٺندي رهي آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران سنڌ صوبي جي ضلعن شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ سال 2014 کان جياپو بهتر بڻائڻ لاءِ بزرگن کي با اختيار بنائڻ جو هڪ منصوبو شروع ڪيو ويو. سرسو پاران بزرگ دوست تنظيم رحيم

آباد کي ٻه هن منصوبي تي عمل ڪرڻ وارين سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو. وزيران تمام گهڻو خوش هئي ته ڪو بزرگ ماڻهن ۽ معذور ماڻهن جي لاءِ ڪو خصوصي منصوبو شروع ٿي رهيو آهي. وزيران جي خوشي ان وقت ويتر وڌي وئي جڏهن ڪيس علم ٿيو ته سرسو پاران بزرگ ۽ معذور ماڻهن کي ڪو ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ ننڍڙا قرض ڏنا ويندا. هن ٻه قرض وٺي پنهنجي خاندان جي اضافي آمدني لاءِ ڪو ڪاروبار ڪرڻ جو سوچي ورتو. هن 15 هزار روپين جي ننڍڙي قرض جي لاءِ درخواست ڏني ۽ جانور پالڻ وارو ڪاروباري منصوبو تجويز ڪيو. هن جو منصوبو هو ته هو ٻڪري خريد ڪندي ۽ ان جي پالنا ڪري پنهنجي خاندان لاءِ آمدني وڌائڻ جي ڪوشش ڪندي. هن جي قرض جي درخواست ۽ ڪاروباري منصوبو بزرگ دوست تنظيم رحيم آباد پاران منظور ڪري وڌيڪ ڪاروائي لاءِ اڳتي موڪليو ويو. قرض ڏيڻ جي طريقي مطابق منصوبي جي عملي جڏهن وزيران جي گهر جو دورو ڪري ضروري جاچ پڙتال ڪئي ته قرض ڏيڻ يا نه ڏيڻ جي فيصلي ڪرڻ ۾ منجهي پيا چوته وزيران جي مالي حالت تمام ڪمزور هئي ۽ قرض واپس ڪرڻ جي صلاحيت ٻنه گهٽ هئي. اهڙي صورتحال ڏسي تنظيم جي ميمبرن وزيران جي پاران پڪ ڏني ته هو وقت تي قرض واپس ڪندي ۽ تنظيم جا سڀئي ميمبر ان جي پاران ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار آهن. تنظيم جي ميمبرن پاران پڪ ڏيارڻ ۽ ضمانت ڏيڻ کان پوءِ قرض جي درخواست منظور ڪئي وئي ۽ اپريل 2014 ۾ وزيران کي 15000 روپين جو قرض جاري ڪيو ويو.

وزيران قرض جي مليل رقم مان هڪ ٻڪري خريد ڪئي. ان وقت ٻڪري ڏُڪِي هئي ۽ صرف هڪ مهيني ۾ ئي



ٻڪريءَ ٻه ڦر ڏنا. وزيران هڪ ڇيليءَ جي اضافي تي تمام گهڻو خوش هئي. وزيران جي قسمت ساٿ ڏئي رهي هئي ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ ان ٻڪريءَ ٽي ڦر ڄڻيا جن مان هڪ نر ۽ ٻه مادي هئا. صرف ستن مهينن جي عرصي ۾ هڪ جانور مان وڌي 5 جانور ٿي ويا هئا. وزيران ته خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپي. ست مهينا اڳ هن جي ملڪيت ۾ ڪائي شيءِ نه هئي پر هاڻي هن جي ملڪيت ۾ 5 جانور هئا. هوءَ پاڻ کي تمام گهڻو امير محسوس ڪري رهي هئي ۽ پنهنجي سڻي مستقبل لاءِ گهڻو پراميد ٿي وئي هئي. هن پنهنجي سموري مال کي ويڪسيئن ڪرائي ڇڏي آهي ۽ ڏاڍي محنت سان انهن جي سارسنڀال ڪري رهي آهي. هن پنهنجي ملڪيت جو تخمينو لڳايو آهي ته هن وٽ هاڻي گهٽ ۾ گهٽ 30 هزار کان مٿي ماليت جون ننڍيون وڏيون ٻڪريون آهن. هن ستن مهينن جي اندر پنهنجي قرض ورتل رقم کي ٻيڻو ڪري ڏيکاريو آهي ۽ پاڻ کي ۽ پنهنجي خاندان کي مالي حوالي سان اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ محفوظ محسوس ڪري رهي آهي. هو پنهنجي مال ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو پراميد آهي ۽ مستقبل ۾ سکيا ڏينهن گذارڻ جا خواب سجائي رهي آهي. هن سوچيو آهي ته هڪ ڇيلو وڪڻي پنهنجي ٻارن کي ايندڙ تعليمي سال کان اسڪول موڪليندي جيڪو اپريل کان شروع ٿيندو آهي.

ست مهينا اڳ مون وٽ ڪجهه ٻه نه هو پر هاڻي مان پنجن ننڍن وڏن جانورن جي مالڪ آهيان. ڪجهه ٻه نه بدلجي سگهجي ها جيڪڏهن سرسو بزرگ ماڻهن کي قرض نه ڏئي ها ته . مون وٽ لفظ نه آهن جن سان مان پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪري سگهان ۽ سرسو جا ٿورا مڃي سگهان.

# گڏهه، گهوڙن ۽ خچرن جي فلاح وارو پروجيڪٽ (Funded by BROOKE)

نثار احمد پناڻ
فوڪل پرسن BROOKE سرسو سکر

سرسو ۽ بروڪ، گڏهن ۽ گهوڙن جي فلاح لاءِ 2009ع کان جيڪب آباد ۽ سکر ضلعن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. 2011ع ۾ ڪم جي دائري کي وڌائي چئن ضلعن تائين ڦهلايو ويو ۽ 2017-18 کان قمبر-شهدادڪوٽ ۾ به ڪم هلايو ويندو. هن پروگرام جا مکيه ڪم هي آهن:

گگدام جانورن جي گشتي ڪلينڪ وسيلي علاج معالج ڪرڻ ته جيئن ذڪر ڪيل ضلعن ۾ ڪوبه گڏهه، گهوڙو، خچر بيمار نه رهي ۽ فضائي آلودگي کان بچيل رهي سگهي. جانورن جي مالڪن کي آگاهي جون تربيتون ڏيڻ ته جيئن مالڪ جانورن جي صحت کاڌ خوراڪ، صفائي جو خيال رکندي ڪم ڪرڻ جا ڪلاڪ وڌائيندي جهجهي آمدني ڪمائي سگهن.

موچين، سنج ناهيندڙن ۽ نعل لڳائڻ وارن کي تربيت ڏيڻ ته جيئن هو سنا سنج ۽ نعل تيار ڪندي بار ڍوئيندڙ جانورن کي زخمن کان بچائي سگهن. وٽرنري ڊاڪٽرن، عورتن ۽ مال مويشي جو علاج ڪندڙن کي تربيتون ڏئي جانورن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ پڻ هن پروگرام جو حصو آهي.

جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ واٽر ٽرف ۽ بيهڻ لاءِ ڇانوَ جا ڇپرا پڻ ناهي ڏنا وڃن ٿا. اسڪولن ۾ وڃي ڪري ننڍڙن ٻالڪن کي جانورن بابت ڄاڻ ڪاري سيشن پڻ ڏنا ويندا آهن، ته جيئن مستقبل جا معمار پنهنجي جواني ۾ انهن جانورن تي ڪهڪاءُ ڪندي ڪو قانون (Animal Act) پاس ڪرائي سگهن يا خود محافظ هوندي انهن جي حقن جو خيال رکي سگهن.









### ڪيل ڪم جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| نمبر | ڪيل ڪم جو نالو | سکر | شڪارپور | لاڙڪاڻو | جيڪب آباد | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | هنگامي بنيادن تي جانورن ڪي ڏنل علاج | 24972 | 24808 | 22332 | 27344 | 99,456 |
| 2 | فالواپ تربيتون | 28 | 28 | 28 | 28 | 112 |
| 3 | مرد ۽ عورت ڪارڪنن کي ڏنل ڪِٽون | 150 | 175 | 205 | 250 | 780 |
| 4 | موچين ۽ نالبند جون تربيتون | 48 | 48 | 48 | 48 | 192 |
| 5 | بيهر فالواپ (پوئواري) تربيتون | 7 | 7 | 7 | 7 | 28 |
| 6 | نگهباني Monitoring | 4 | 4 | 4 | 4 | 16 |
| 7 | ڳانڍاپو ڪرايو ويو Linkages | 5 | 5 | 5 | 5 | 20 |
| 8 | بالٽيون، موڙ ۽ ڪٽس جو وچور | 628 | 632 | 628 | 632 | 2520 |
| 9 | چيرا ڇانوَ لاءِ | 16 | 8 | 12 | 12 | 48 |
| 10 | پاڻي لاءِ نهرايل ٽب | 24 | 24 | 4 | 4 | 56 |
| 11 | جاڳرتا گڏجاڻيون | 12 | 12 | 12 | 12 | 48 |
| 12 | صحتمند جانورن جا مقابلا | 8 | 8 | 8 | 8 | 32 |
| 13 | توسيعي مواد | 160 | 170 | 180 | 180 | 690 |
| 14 | تربيت | 50 | 50 | 50 | 50 | 200 |
| 15 | روين جي جاچ | 50 | 50 | 50 | 50 | 200 |
| 16 | ڪيس اسٽڊيز | 14 | 14 | 14 | 14 | 56 |
| 17 | عوامي جاڳرتا مهم | 14 | 14 | 15 | 15 | 58 |
| 18 | جانورن جو عالمي ڏينهن | 4 | 4 | 4 | 4 | 16 |
| 19 | اسڪولي شاگردن کي جاڳرتا | 12 | 12 | 12 | 12 | 48 |
| 20 | ڪلينڪ جي آڊٽ | 4 | 4 | 4 | 4 | 16 |
| 21 | CV & TM پيرڊ ورڪشاپ | 4 | 4 | 4 | 4 | 16 |

هي پروگرام هلندڙ آهي، سرڪاري ادارن ۽ جانورن جي مالڪن کي پاڻ ۾ لهه وچڙ ۾ آڻڻ لاءِ سرسو جي پراجيڪٽ جو عملو سرگرمِ عمل آهي ته جيئن صوبائي سطح تي جاڙايل جانورن لاءِ ڪو قانون (Animal Act) پاس ڪرائي سگهجي. هن پراجيڪٽ مان غريب گڏهه گاڏي ۽ ٽانگي وارا زياده مستفيض ٿي رهيا آهن. انهن جي جانورن جي صحت سڌرڻ ڪري زياده ڪلاڪ ڪم ڪرڻ ۾ آساني ٿي آهي. اهڙي عمل سان سندن آمدني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي.

عورتون جيڪي گهرن ۾ رهن ٿيون، اهي پڻ جانورن جو صحيح خيال رکن ٿيون، اسڪولي ٻارڙا سيشن ٻڌندي گهڻو متاثر ٿي رهيا آهن. اهڙي گڏيل جاڳرتا ڪري معاشري ۾ صفائي سترائي پڻ اچي رهي آهي ۽ هر سطح تي مذڪوره ڪم کي پذيرائي پڻ ملي رهي آهي.

# ضلعي گهوٽڪي ۾: وزير اعظم جي بنا وياج قرض اسڪيم

عاشق علي ڪلوڙ
ڊسٽرڪٽ مئنيجر گهوٽڪي

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب عورتن کي سماجي ۽ معاشي حوالي سان سگهارو بڻائڻ لاءِ نه صرف انهن لاءِ موقعا فراهم ڪجن پر ڪين زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ پڻ حوصلاافزائي ڪجي.

جيئن ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن گهر گهر وڃي ماڻهن جي غربت جي درجه بندي ڪندي هميشه انهن غريب ماڻهن جي زندگين کي اقتصادي ۽ سماجي طور تي پاڻ پيرو ڪيو آهي ۽ انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۽ انهن جي سماجي اوسر ڪري ڪين ڪارائتو بڻائڻ ۾ هميشه ڪوشان رهي آهي، ته جيئن اهي عورتون غربت جي ڏڀڻ مان نڪري بهتر زندگي گذاري سگهن

هن وقت سرسو جي ضلعن ۾ هلندڙ پراجيڪٽس ۾ 'PMIFL' هڪ بهترين پراجيڪٽ آهي.

اها پڻ حقيقت آهي ته معاشري ۾ زنده رهڻ لاءِ روزگار جي ضرورت پوندي آهي، هر ماڻهو انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا جتن ڪري ٿو، موجوده دور ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي باعزت روزگار ملي ٿو ته هن جي خوشي جي انتها نٿي رهي، ٻهراڙين ۾ رهندڙ انهن غريب عورتن لاءِ ڪيڏي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو وزير اعظم جي بغير وياج قرض اسڪيم سرسو ۽ پي.پي.اي.ايف جي سهڪار سان ضلعي گهوٽڪي ۾ شروع ڪيو ويو آهي. جنهن جا هيٺيان بنيادي مقصد آهن.

- 0-40 تائين غربت جي درجه بندي (غربت جي لڪير تائين) رکندڙ گهراڻن کي ترجيح ڏيڻ.
- بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ مستحق گهراڻن کي وڌ کان شامل ڪرڻ.
- هن قرض کي آمدني وڌائڻ لاءِ ننڍي سطح تي ڪاروبارڪرڻ، مال مويشي جي پالنا ۽ زراعت لاءِ استعمال ڪرڻ ته جيئن ماڻهن ۾ خوداعتمادي ۽ شعور پيدا ٿئي.

هن بغير وياج قرض اسڪيم ڪانپوءِ ماڻهن ۾ هڪ خوشحالي جي لهر آئي آهي. جنهن سان ماڻهن جي معيار زندگي ۾ ڪافي بهتري ۽ آمدني ۾ اضافو پڻ ٿيو آهي. وزير اعظم جي بغير وياج قرض اسڪيم جو بهتر نتيجو اهو به سامهون آيو آهي ته ماڻهن کي ڳري وياج کان ڇوٽڪارو مليو آهي.

وزير اعظم پاران جاري ڪيل اسڪيم، جيڪا سرسو ۽ پي پي اي ايف جي معاونت سان هلندڙ آهي. هن بغير وياج قرض اسڪيم مان هن وقت تائين ضلعي گهوٽڪي جي ڇئن يونين ڪائونسلن جهڙوڪ: سائين ڏنو ملڪ، رهڙڪي، ڪمون شهيد ۽ داد لغاري جي 163 ڳوٺن جي 322 تنظيمن (COs) جي 4145 غريب ميمبر عورتن کي ڪاروبار ڪرڻ، آمدني وڌائڻ ۽ بچت ڪرڻ خاطر هي قرض ڏنو ويو آهي.

گهوٽڪي ضلعي جي انهن گهراڻن جنهن هن قرض اسڪيم مان فائدو حاصل ڪيو آهي. سنڌن چوڻ آهي ته هن دور ۾ ڪير ٿو ڪنهن جي سار لهي اسين سلام پيش ٿا ڪريون پي.پي.اي.ايف ۽ سرسو کي جنهن اهڙي قسم جا پروگرام مختلف ضلعن ۾ اسان غريبن لاءِ آندا آهن.

هي قرض انهن غريب گهراڻن تائين پهچائڻ پي پي اي ايف (PPAF) ۽ سرسو جي ذميواري آهي، غربت کي گهٽائڻ لاءِ سرسو ٻهراڙي جي علائقن ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀائي رهي آهي، جنهن ۾ هي قرض بلڪل وياج کان پاڪ ۽ غريبن جي فلاح جو هڪ بهترين نمونو آهي، سرسو جو مقصد به اهوئي آهي ته غريب ماڻهن تائين اسان جو پيغام پهچي ته جيئن اهي وڌ کان وڌ هن پروگرام مان فائدو حاصل ڪن.

# همٿ وارن جو جهانُ

بخت علي ابڙو

مسمات ڪلثوم زال الاهي بخش ڳوٺ رسول بخش هيسباڻي، يونين ڪائونسل سڳيون تعلقہ صوبوديرو ضلعو خيرپور جي رهواسڻ آهي. هي ڳوٺ سرسو يونٽ آفيس راڻيپور کان 24 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڏکڻ طرف واقع آهي. 35 سالن جي ڪلثوم هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿي. هن گهراڻي جو پاورٽي اسڪور 18 آهي، جيڪو غربت جي لڪير ۾ اچي ٿو. ٽن ننڍن ٻارڙن (سراج علي، حديقہ ۽ جواد علي) سان گڏ پنهنجي ڪچي گهر ۾ رهي ٿي. هيءَ پنهنجي گهر جو گذرسفر مڙس جي مزدوري مان هلائي پئي.



مسمات ڪلثوم جي گهر مٿان ڏکيان ڏينهن تڏهن شروع ٿيا جڏهن اوچتو سندس مزدوري ڪندڙ مڙس کي ڪارو ڪامڻ ٿي پيو جيڪو ايترو وڌي ويو جو هو مزدوري تي بہ نہ پئي وڃي سگهيو، پوءِ مجبوري ۾ هن ڳوٺ ۾ جُتيون ڳنڍڻ جو ڪم شروع ڪيو. الاهي بخش سوچيو تہ ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ کان بهتر آهي تہ گهر ۾ ويهي ڳوٺ وارن جون جتيون ڳنڍيان. ڇوتہ ڏکئي وقت ۾ ڪوبہ ڪنهن جو ساٿ ناهي ڏيندو. مسمات ڪلثوم چواڻي تي اهي ڏينهن اسان کان سڄي عمر نہ وسرندا.

مسمات ڪلثوم جي پهريون ڀيرو 2010ع ۾ سرسو جي ٽيم سان گڏجاڻي ٿي، ۽ هن ڳوٺ جي عورتن کي گڏ ڪري سرسو جي ٽيم سان گڏجاڻي ڪرائي. سرسو جي ٽيم گڏجاڻي ۾ ڪين سرسو جو تعارف ڪرايو، بچت ڪرڻ، ايڪي ٻڌي، صحت جي سهولتن ۽ هنري سکيا بابت ڪين مڪمل ڄاڻ ڏني. تنهن بعد ڳوٺ ۾ تنظيم CO ”حديقہ“ جوڙي وئي، جنهن ۾ ميمبرن جي گڏيل راءِ سان ڪلثوم کي مئنيجر چونڊيو ويو. تنظيم ۾ پهريان 15 عورتون ميمبر ٿيون. تنهن بعد تنظيمي عورتن باقاعده گڏجاڻين ۾ بچت شروع ڪئي ۽ مسلسل سرسو سان رابطي ۾ رهيون. ڪجهہ عرصي بعد ڪلثوم ڪوشش ڪري سرسو ٽيم سان گڏجي ڳوٺ ۾ VO جوڙائي. جنهن ۾ ڪيس صدر طور چونڊيو ويو. ڪلثوم پنهنجي ڪوشش کي جاري رکندي پاڙيسري ڳوٺن جي تنظيمن سان رابطا وڌائي ڪري LSO ”سڳيون“ جوڙائي جنهن ۾ ڪيس خزانچي طور چونڊيو ويو.

انهيءَ دوران ڪلثوم ڪافي عورتن کي سرسو جي سهڪار سان سلائي، ڪڙهائي جو تربيتون پڻ ڪرايو، جيڪي اڄ پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ روزگار ڪري رهيون آهن.



جيئن تہ ڪلثوم هڪ غريب گهراڻي سان تعلق پئي، انهيءَ عرصي ۾ سندس مڙس الاهي بخش بہ ڪاري ڪامڻ سبب سخت بيمار ٿي پيو ۽ هو مزدوري بہ نہ پئي ڪري سگهيو. هن پهريون ڀيرو 2010ع ۾ ميمبرن جي صلاح مشوري سان قرض جي قرارداد لکي اداري کي موڪلي. جانچ پڙتال کانپوءِ ڪيس -/10,000 هزار روپين جو چيڪ مليو. هن نهايت ئي سمجهداري سان انهيءَ پئسن کي استعمال ڪيو ۽ هن هڪ ڳابو -/8,500 ۾ خريد ڪيو. بچيل 1500 سئو روپيہ ڪلثوم پنهنجي مڙس کي ڏنا، جنهن مان الاهي بخش

پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙي ماندلي کولي جنهن ۾ هن ٻارن لاءِ ٽافيون، بسڪيٽ، ڪيڪ پاپا، چانهه پتي، کنڊ ۽ ٻيون شيون رکيون. هڪ سال گذرڻ بعد ڪلثوم ورتل ڳابو عيدالاضحيٰ جي موقعي تي -/26,000 هزارن ۾ وڪرو ڪيو. جنهن مان هن کي ڪافي فائدو پيو ۽ هنن انهن پئسن مان قرض ٻه واپس ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ 2 ٻڪريون پڻ خريد ڪيون. ڪلثوم ٻيهر 2015ع ۾ قرض لاءِ قرارداد لکي اداري کي موڪلي، جيئن ته ڪلثوم پهريون قرض وقت سر واپس ڪيو هو ۽ ڳڏوڳڏ هيءَ ڳوٺ جي ٻين عورتن لاءِ پلائي جا ڪم پڻ ڪندي پئي رهي. انهيءَ لاءِ ڪلثوم کي ٻيو قرض -/13,000 هزار جلدي ۾ ڏنو ويو. ساڳيءَ طرح سان ڪلثوم هن قرض کي ٻه بهتر طريقي سان استعمال ڪيو ۽ هِن -/5,000 پنهنجي ميڙي چونڊي ملائي ڪري -/18,000 هزار ۾ هڪ سيڪنڊ هينڊ (اڏوراٽي) اٽي جي چڪي خريد ڪئي. 250 گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ اٽي جي پيسائي جو ڪم شروع ڪيو. هن وٽ پرپاسي ۾ جيڪي ڳوٺ آهن اتان جا ماڻهو ٻه اٽي جي پيسائي لاءِ هتي اچن ٿا. جنهن مان کيس روزانه 400 کان 500 سؤ روپيه ڪمائي ٿي رهي آهي. جنهن مان هوءَ پنهنجي گهر جي ضروريات کي پورو ڪري ٿي. هڪ سال بعد هن اداري کي قرض ٻه واپس ڪيو. ۽ ٽيون ڀيرو 2016ع ۾ قرض لاءِ سرسو کي قرارداد لکي موڪلي، هن جي بهتر ڪارڪردگيءَ کي ڏسندي کيس ٽيون ڀيرو -/19,000 هزار روپين جو قرض ڏنو ويو، انهن پئسن ۾ -/3,000 پنهنجا ملائي ڪري هن -/22,000 هزارن ۾ هڪ تيل پيهڻ واري ”گهاڻي مشين“ (Oil Seed Extractor Machine) خريد ڪئي. جيڪا هلي ته سَرنهن جي موسم ۾ ٿي پر ڪلثوم چواڻي ته جڏهن سَرنهن جي موسم اچي ٿي ته تقريباً ڳوٺ جا ماڻهو تيل جي پيسائي لاءِ هتي اچن ٿا جنهن مان اسان کي روزانه 500 کان 600 روپيه ڪمائي ٿيندي آهي.

هن وقت الاهي بخش ڳوٺ ۾ ماندڙي هلائي ٿو، جتي ٻارڙن لاءِ بسڪيٽس، ٽافيون، چپس وغيره رکي اٿس، جنهن مان هن



کي روزانه 100 کان 200 سئو روپيه ڪمائي ٿئيس ٿي.

مسمات ڪلثوم چواڻي ته: اها سڄي مهرباني سرسو اداري جي ٽيم جي آهي، جنهن پنهنجو پروگرام اسان جي ڳوٺ ۾ آندو ۽ اسان پاڙي واري تنظيم ناهي. جيئن ته منهنجو مڙس وڏي عرصي کان ڪاري ڪامڻ جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هيو، انهن ڏينهن ۾ اسان جا گهرو حالات تمام خراب ٿي ويا هئا، جنهن اسان جي پهريان جي حالت ڏٺي هوندي تنهن کي خبر هوندي ته اسان جي گهريلو حالات ڪيئن هئي؟. توهان مان ڪو اچي ڏسي هاته شايد روئڻ اچي وڃي ها! ڇوته ڏکي وقت ۾ ڪو ڪنهن جو ساٿي نه هوندو آهي. اسان جي ڳوٺ ۾ سرسو اداري جو اچڻ اسان جي خوش قسمتي آهي، ڇوته هن وقت اسان جي حالت توهان جي سامهون آهي، شڪر آهي تمام سُکيو ڀيو ڪائون پيا، سنو پايون ٿا، پنهنجي ٻارن کي سنو ڪاڙو ڪارايون ٿا، ڪنهن جا محتاج نه آهيون. هن وقت اسين تمام خوش آهيون ڏکيو وقت سيني تي ايندو آهي چوندا آهن ته ”ڏکن پنيان سُک“ اها آهي اسان جي مختصر ڪهاڻي.

*

# نوڪري يا ڪم

ترجمو: خادم حسين شر
ڊسٽرڪٽ مئينجر - سرسو خيرپور

نوجوان جي اکين ۾ ڳوڙها هيا. ان اکين تي تشو رکي ڇڏيا، اسان ڪجهه لمحن جي لاءِ خاموش ٿي وياسين. ان جي جڳهه تي ڪوبه هجي ها ته ان جي به ساڳي صورتحال هجي ها. توهان هڪ لمحي جي لاءِ پاڻ سوچيو جيڪڏهن توهان سني پوزيشن سان گڏ ايم بي اي ڪيو هجي، جيڪڏهن توهان صحتمند ۽ خوبصورت نوجوان هجو پر توهان نوڪري جي لاءِ جتي به درخواست ڏيو توهان کي صاف جواب ملي وڃي ته توهان تي ڇا گذرندي، توهان جو رد عمل ڇا هوندو. بحرحال نوجوان اندروني طور مايوسي جو شڪار هيو، مان ان کي چيو ته مان توکي هڪ ڪهاڻي ٿو ٻڌائيان. ان منهن مٿي ڪري منهنجي طرف ڏٺو، ان جي اکين ۾ ڏک ۽ بي وسي هئي، مان عرض ڪيم، ڪيپ ٽائون جي ميڊيڪل يونيورسٽي جي طبعي دنيا ۾ ممتاز حيثيت حاصل آهي. دنيا جو پهريون باءِ پاس آپريشن ان يونيورسٽي ۾ ٿيو هيو. ان يونيورسٽيءَ ٽي سال پهريان اهڙي شخص کي ماسٽر آف ميڊيسن جي اعزازي ڊگري ڏني جنهن اسڪول جو ڪڏهن منهن نه ڏٺو هو، جيڪو انگريزيءَ جو هڪ لفظ به پڙهي نه سگهندو هو ۽ نه ئي لکي سگهندو هو. 2003 جي هڪ صبح دنيا جي مشهور سرجن پروفيسر ڊيوڊينٽ يونيورسٽي جي آڊيٽوريم ۾ اعلان ڪيو ته، اڄ اسان هڪ اهڙي شخص کي اعزازي ڊگري ڏئي رهيا آهيون جنهن دنيا ۾ سڀ کان گهٽا سرجن پيدا ڪيا، جيڪو هڪ غير معمولي استاد ۽ حيران ڪندڙ شخص آهي. ۽ جنهن ميڊيڪل سائنس ۽ انساني دماغ کي حيران ڪري ڇڏيو. ان اعلان سان گڏ هن پروفيسر هيملٽن جو نالو ڪنيو ۽ پوري آڊيٽوريم اٿي بيهي ڪري هيلمٽن جو استقبال ڪيو. هي ان يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو استقبال هيو، نوجوان چپ چاپ ٻڌي رهيو هيو، مان عرض ڪيم، هيملٽن ڪيپ ٽائون جي هڪ ڏورانهين ڳوٺ سنيٽاني ۾ پيدا ٿيو. ان جا والدين مال چاريندا هيا. هو ٻڪري جي کل پائيندو هيو ۽ جبلن تي سڄو ڏينهن پيرين اگهاڙي گهمندو هو، ننڍ پڻ ۾ ان جو والد بيمار ٿي پيو، هو رڍون ۽ ٻڪريون ڇڏي ڪيپ ٽائون اچي ويو. انهن ڏينهن ۾ ڪيپ ٽائون يونيورسٽي جي ڪنسٽرڪشن جاري هئي. هو يونيورسٽيءَ ۾ مزدور طور ڀرتي ٿي ويو. سڄي ڏينهن جي محنت ۽ مشڪت کان پوءِ جيترا پيسا ملندا هئا، اهي سڀ گهر موڪلي ڇڏيندو هو ۽ پاڻ ڇٽا ڇباڙي کليي ميدان تي سمهي پوندو هو. هو سالن کان مزدور جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو. ڪنسٽرڪشن جو ڪم پورو ٿي ويو ته يونيورسٽي ۾ مالهي ڀرتي ٿيو. ان کي ٽينس ڪورٽ جو گاهه ڪٽڻ جو ڪم مليو. هو روز ٽينس ڪورٽ پهچي گاهه ڪٽڻ شروع ڪندو هو. هو ٽن سالن تائين ڪم ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن هن جي زندگيءَ ۾ عجيب موڙ اچي ويو ۽ هو ميڊيڪل سائنس جي ان مقام تي پهچي ويو جتي اڄ تائين ڪو ٻيو نه پهتو آهي، اها هڪ نرم ۽ گرم صبح هئي. نوجوان سڌو ٿي ويهي رهيو، مان عرض ڪيم پروفيسر رابرٽ جوئز زرافي تي تحقيق ڪري رهيو هو، هو هي ڏسڻ چاهي پيو ته زرافو پاڻي پيئڻ جي لاءِ ڪنڌ هيٺ جهڪائيندو آهي ته ان کي غشي جو دورو ڇو نٿو پوي، ان آپريشن ٽيبل تي هڪ زرافو ليٽايو ان کي بيهوش ڪيو. پر، جيئن ئي آپريشن شروع ڪيو ته زرافي ڪنڌ هلائيو، هن کي ان وقت هڪ اهڙي مضبوط شخص جي ضرورت پئجي وئي.



جيڪو آپريشن جي دوران زرافي جي ڪنڌ کي زور سان پڪڙي رکي، پروفيسر ٿيٽر کان ٻاهر آيو. سامهون هيملٽن گاهه ڪٽي رهيو هو. پروفيسر ڏٺو ته هو مضبوط قد ڪاٺ جو صحتمند جوان آهي هن کي اشارن سان سڏ ڪيائين ۽ زرافي کي ڪنڌ پڪڙڻ جو حڪم ڏنو. هيلمٽن ڪنڌ پڪڙيو اهو آپريشن اٺ ڪلاڪ جاري رهيو. ان دوران ڊاڪٽر ٽانهه ۽ ڪافي جو وقفو ڪندو رهيو. پر هيلمٽن زرافي جي ڪنڌ کي پڪڙي بيٺو رهيو. آپريشن ختم ٿيو ته هو چپ چاپ ٻاهر نڪتو ۽ وڃي گاهه ڪٽڻ شروع ڪيائين. ٻئي ڏينهن پروفيسر هن کي بيهر گهرايو. هو آيو ۽ زرافي جي ڪنڌ کي پڪڙي بيٺو رهيو، ان کان بعد ۾ هن جي اها روٽين ٿي وئي ته هو يونيورسٽي ايندو هو، اٺ ڏهه ڪلاڪ آپريشن ٿيٽر ۾ جانور پڪڙيندو هو ۽ ان کان پوءِ ٽينس ڪورٽ جو گاهه ڪٽڻ لڳندوهو. هو ڪيترائي مهينا اهو ڪم ڪندو رهيو. ۽ هن ان ڪم لاءِ ڪنهن به قسم جو نه اضافي معاوضو طلب ڪيو ۽ نه ئي ڪا شڪايت ڪئي.

پروفيسر رابرٽ جوائز ان جي مستقل مزاجي ۽ اخلاق کان متاثر ٿيو ۽ هن کي مالهيءَ مان ليب اسسٽنٽ بڻائي ڇڏيو. هيلمٽن جي پروموشن ٿي ويو. هاڻي هو يونيورسٽي اچي آپريشن ٿيٽر پهچي سرجنن جي مدد ڪندو هو. اهو سلسلو به سال کن هليو. 1958ع ۾ هن جي زندگيءَ ۾ اهم موڙ اچي ويو، ان سال ڊاڪٽر برنارڊ يونيورسٽي آيو هو ۽ هن دل جي منتقلي جو آپريشن ڪيو. هيلمٽن هن جو اسسٽنٽ بڻجي ويو، هو ڊاڪٽر برنارڊ جي ڪم کي غور سان ڏسندو رهيو. ان آپريشن جي دوران هو اسسٽنٽ کان ايڊيشنل سرجن ٿي ويو. هاڻي ڊاڪٽر آپريشن ڪري ۽ ٽاڪن هڻڻ جو ڪم هن جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. هو تمام سنا ٽانڪا لڳائيندو هو. هن جي آڱرين ۾ صفائي ۽ تيزي هئي. هن هڪ هڪ ڏينهن ۾ پنجاهه پنجاهه ماڻهن جا ٽانڪا به لڳايا. هو آپريشن ٿيٽر ۾ ڪم ڪندي سرجنن کان وڌيڪ انساني جسمن کي سمجهڻ لڳو، ايتري قدر جو وڏن ڊاڪٽرن هن کي جونيئر ڊاڪٽرن کي سيکارڻ جي ذميواري سونپي ڇڏي ۽ هو جونيئر ڊاڪٽرن کي آپريشن جي مهارت سيکارڻ لڳو.

هو آهسته آهسته يونيورسٽيءَ جو اهم شخصيت بڻجي ويو. هو ميڊيڪل سائنس جي اصطلاحتن کان نه رڳو واقف هو، پر دنيا جي وڏن مان وڏن سرجنن مان بهترين سرجن هو. 1970ع ۾ هن جي زندگيءَ ۾ ٽيون موڙ اچي ويو. ان سال جگر جي تحقيق شروع ٿي ته ان آپريشن جي دوران جگر جي هڪ اهڙي شريانيءَ جي نشاندگي ڪئي جنهن جي ڪري جگر جي منتقلي آسان ٿي وئي. هن جي ان نشاندگيءَ ميڊيڪل سائنس جي وڏن دماغن کي حيران ڪري ڇڏيو، اڄ جڏهن به دنيا جي ڪهڙي به ڪنڊ ۾ جگر جو آپريشن ٿيندو آهي. اهو مريض اکيون کولي روشني پاڻ ڏسندو آهي، ته ان جي ڪامياب آپريشن جو ثواب سڌو هيلمٽن کي ملندو هوندو. ڇوته ان جو محسن هيلمٽن هوندو آهي، مان خاموش ٿي ويس، نوجوان ٻڌندو رهيو، مان عرض ڪيم، هيلمٽن هي مقام اخلاق ۽ استقامت سان حاصل ڪيو.

هو 50 سال ڪيپ ٽائون يونيورسٽيءَ سان وابسته رهيو. ان 50 سالن ۾ ڪڏهن هن موڪل نه ڪئي. هو رات جو ٽين بجي گهر کان نڪرندو هو، 14 ميل پنڌ ڪري يونيورسٽي پهچي ٺيڪ 6 بجي ٿيٽر ۾ داخل ٿيندو هو، ماڻهو هن جي اچڻ ۽ وڃڻ سان پنهنجون گهڙيون ٺيڪ ڪندا هئا. ان 50 سالن ۾ هن ڪڏهن به پگهار وڌائڻ جو نه چيو، هن ڪڏهن به پوزيشن ۽ سهولتن ۾ گهٽتائيءَ جي شڪايت نه ڪئي. بحرحال هن جي زندگي ۾ هڪ اهڙو وقت به آيو، جنهن جي پگهار ۽ مراعات يونيورسٽي جي وائس چانسلر کان وڌيڪ هئي. ۽ هن کي اهو اعزاز مليو جو اڄ تائين ميڊيڪل سائنس ۾ ڪنهن به شخص کي نه مليو. هو ميڊيڪل سائنس جو پهريون اڻ پڙهيل استاد ۽ پهريون اڻ پڙهيل سرجن هو، جنهن زندگي ۾ ٽيهه هزار سرجنن کي ٽريننگس ڏنيون. هو 2005ع ۾ فوت ٿيو ته هن کي يونيورسٽي ۾ ئي دفن ڪيو ويو، ۽ ان کان بعد يونيورسٽي کان پاس آئوٽ ٿيڻ وارن سرجنن لاءِ لازم قرار ڏئي

چڏيو تہ هو ڊگري وٺڻ کان بعد هن جي قبر تي وڃن، تصويرون ناهين ۽ ان کان بعد عملي زندگي ۾ داخل ٿي وڃن. مان رُڪيم، ۽ ان کان بعد نوجوان کان پڇيو، تون ڇاڻي ٿو تہ هي مقام ڪيئن حاصل ٿيو. نوجوان خاموش رهيو، مان عرض ڪيم صرف هڪ ”ها“ جنهن ڏينهن ان زرافي جي ڪنڌ کي پڪڙيو، جڏهن هن کي گهرايو ويو. جيڪڏهن هو انڪار ڪري ها ۽ هو اهو چوي ها تہ مان مالهي آهيان منهنجو ڪم زرافن جي ڪنڌن کي پڪڙڻ ناهي تہ هو مرڻ گهڙيءَ تائين مالهي رهي ها. هن جي هڪ اها انن ڪلاڪن جي اضافي مشقت هئي. جنهن جي لاءِ هن جي ڪامابين جي دروازن کي کولي ڇڏيو ۽ هو سرجنن جو سرجن بڻجي ويو.

نوجوان خاموش رهيو، مان هن کي عرض ڪيم اسان مان گهڻا سارا ماڻهو زندگي پر نوڪري تلاش ڪندا آهن. جڏهن تہ اسان کي ڪم تلاش ڪرڻ گهرجي. نوجوان غور سان منهنجي طرف ڏٺو مان عرض ڪيم، دنيا جي هر نوڪريءَ جو ڪو نہ ڪو معيارهوندو آهي. ۽ هي نوڪري صرف ان شخص کي ملندي آهي جيڪو ان معيار تي پورو لهندو آهي. جڏهن تہ ڪم جو ڪو بہ معيار نہ هوندو آهي. مان جيڪڏهن چاهيان تہ ڪجھ منٽن ۾ دنيا جو ڪوبہ ڪم شروع ڪري سگهان ٿو. ۽ دنيا جي ڪا بہ طاقت مونکي ان ڪم کان روڪي نہ سگهندي. هيملٽن ان راز کي حاصل ڪري ورتو هو، بحرحال هن نوڪري کان سواءِ ڪم کي ترجيح ڏني ائين هن ميڊيڪل سائنس ۾ تاريخ بدلائي ڇڏي.

ٿورو سوچيو جيڪڏهن هو سرجن جي نوڪري لاءِ اپلاءِ ڪري ها تہ ڇا هو سرجن بڻجي سگهي ها؟ ڪڏهن بہ نہ، پر هن ڪُرِيو هيٺ رکيو زرافي جي ڪنڌ کي پڪڙيائين ۽ سرجنن جو سرجن بڻجي ويو.

مان رکيم ۽ ٿهڪ ڏئي چيم، تون ان لاءِ بيروزگار ۽ ناڪام آهين جو تون نوڪري تلاش ڪري رهيو آهين ڪم نہ، جنهن ڏينهن تون هيملٽن وانگر ڪم شروع ڪري ڏٺو تہ تون نوبل پرائيز حاصل ڪري سگهندين، تون وڏو ۽ ڪامياب انسان بڻجي ويندين.

*

# سرسو پاران ڳوٺاڻن لاءِ هيلٿ انشورنس پاليسي

راشد حسين ڀٽي
مئنيجر مائيڪرو هيلٿ انشورنس

سرسو هڪ اهڙو ادارو آهي جيڪو هميشھ غريب عورتن جي ڀلائي ۽ سهائتا لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهيو آهي. ان ڏس ۾ غريب ماڻهن سان ڀهراڙين ۾ گهر گهر وڃي ڪري ڀَٽ تي ويهي سندن درد ڪٿائون، ڏک ۽ تڪليفون معلوم ڪرڻ ۽ ڪين منظم ڪرڻ لاءِ گڏجاڻيون منعقد ڪيون وينديون آهن ۽ سندن جي ارمانن جي ساڀيان خاطر ڏکن، سندن سورن کي سمجهندي، انهن جي زندگين کي سنوارڻ لاءِ گڏجي ويهي صلاح مشورا ڪيا ويندا آهن تہ هو پنهنجي زندگي بهتر گذارڻ لاءِ ڇا ڪري سگهن ٿا.

ڀهراڙين جي ڀرندڙ مسئلن جهڙوڪ: تعليم، بجلي جي اڻهوند سان گڏوگڏ صحت جي سهولتن کان سدائين کوٽ رهي آهي. سمورن مسئلن ۽ مونجهارن کي ڏسندي اڄڪلهہ ماڻهن کي تہ جڻ صديون پراڻو دؤر ياد اچي وڃي ٿو.

سرسو صحت جهڙي نعمت کي گهر جي چائنٽ تائين پهچائڻ ۽ غريبن جي تڪليفن کي دور ڪرڻ لاءِ انشورنس پاليسي تي عمل درآمد ڪرائڻ ۾ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي. انهيءَ لاءِ سرسو اندر هڪ انشورنس جو شعبو قائم ٿيل آهي. جيڪو منظم گهراڻن جي صحت، ويم ۽ علاج جهڙي سهولتن لاءِ انشورنس ڪندي ڪين انشورنس ڪارڊ مهيا ڪري ٿو، تہ جيئن ويم ۽ بيماري جي حالت ۾ اهي غريب عورتون صرف ڪارڊ ڏيکاري اسپتال ۾ داخلا وٺي سگهن ۽ پنهنجو علاج مفت ڪرائي سگهن.



سرسو هميشھ :

- ترقيءَ جي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرسو ڳوٺاڻين عورتن کي ڳوٺاڻي ترقياتي تنظيمن جي شڪل ۾ منظم ٿيڻ ۾ سهڪار ڪري ٿو.
- معاشي ۽ معاشرتي ترقيءَ لاءِ بچت ۽ پيداواري قرضن جي ذريعي مقامي وسيلن کي استعمال ۾ آڻڻ جي ترغيب ۽ تربيت ڏئي ٿو.
- زراعت ۾ ترقي ۽ منڊي جي ڪاروبار لاءِ ضرورت جي نشاندهي تي مقامي سطح تي صلاحيتون وڌائڻ لاءِ تربيتون ڏئي ٿو.
- انتظامي، ڪاروباري ۽ فني تربيت جا موقعا حاصل ڪرڻ ۾ سهڪار ڪري ٿو.
- سماجي شعبن ۽ سماجي ترقي جي پروگرامن تائين مقامي ماڻهن جي پهچ کي ممڪن بڻائي ٿو.

اها حقيقت آهي تہ انسان جي جياپي جي لاءِ سُٺي صحت جو هجڻ لازمي آهي. بيمار جسم کي صحتمند ڪرڻ لاءِ انسان وڏا وَس ڪري ٿو. ڇوتہ صحتمند زندگيءَ ڪان وڌيڪ انسان لاءِ ٻي ڪابہ شيءِ نہ آهي

هن دور ۾ ٻهراڙي جي ماڻهن لاءِ علاج ڪرائڻ تمام گهڻو مشڪل ٿي ويو آهي ڇو جو ان جي سٺي اسپتالن تائين رسائي ہہ هڪ وڏو مسئلو آهي .

اهڙين اهم ضرورتن جي پورائي لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن مائيڪرو هيلٿ انشورنس، انشورنس ڪمپني جي سهڪار سان انهن ٻهراڙي جي منظم ڪيل تنظيمن جي صحت جي حوالي سان سهولتون فراهم ڪري ٿو.

**هيلٿ انشورنس ويمي جي پاليسي جا فائدا ۽ طريقہ ڪار هن ريت آهن:**

1. انشورنس پاليسي جو مدو هڪ سال تائين هوندو.
2. اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي صورت ۾ 15000 رپين تائين مفت علاج ڪيو ويندو.
3. حادثاتي يا فطري موت جي صورت ۾ پاليسي تحت مدد ڪئي ويندي.
4. اهڙا ڊليوري ڪيس جيڪي انشورنس ٿيڻ جي ڇئن مهينن بعد ويم ٿيڻ جي صورت ۾ پاليسي تحت علاج ڪرائي سگهندا.
5. پاليسي تحت علاج ڪرائڻ جي سهوليت صرف مقرر ڪيل پينل اسپتالن ۾ ئي ميسر هوندي.
6. مقررڪيل پينل اسپتالن ۾ مريضن کي داخل ڪرائڻ وقت پنهنجو اصل شناختي ڪارڊ ۽ انشورنس جي مليل رسيد ڏيکاريندا. اصل شناختي ڪارڊ ۽ رسيد نہ هجڻ جي صورت ۾ داخلا نہ ملي سگهندي
7. ڪنهن ہہ سبب جي ڪري انشورنس ڪمپني جي طرفان علاج نہ ٿيڻ جي صورت ۾ سرسو ذميوار نہ هوندو.

**پينل اسپتالن جا نالا ۽ شهر**

| نمبر | اسپتال جو نالو | شهر جو نالو |
|---|---|---|
| 1 | سنڌ رينجرز اسپتال | سکر |
| 2 | سکر بلڊ بينڪ اسپتال | سکر |
| 3 | زبير ميڊيڪل سينٽر | شڪارپور |
| 4 | شڪارپور اسپتال عورتن ۽ ٻارن لاءِ (زينت عيساڻي) | شڪارپور |
| 5 | ماشاءالله ميڊيڪل سينٽر | ڪنڌڪوٽ |
| 6 | اويس ميڊيڪل سينٽر | ڪشمور |
| 7 | اُمِ فروا ميٽرنٽي هوم اينڊ ميڊيڪل ڪامپليڪس | راڻي پور |
| 8 | عماد ميڊيڪل سينٽر | نوشهروفيروز |
| 9 | اجوا ميڊيڪل ۽ ميٽرنٽي هوم | لاڙڪاڻو |
| 10 | الشفا ميڊيڪل سينٽر | نري ميرواهہ |

*

# حصولات واري شعبي جون سرگرميون

غلام عباس انصاري
پروگرام آفيسر پرڪريومينٽ سيڪٽر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي 11 ضلعن جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ڳوٺاڻين عورتن سان ملي ڪري، سنڌن ئي ڪکائن گهرن ۾ هيٺ زمين تي ويهي انهن سورمين جا ڏک، سور ۽ پيڙائون ٻڌي ٿي ۽ انهن ڏکن جي جوڳي ۽ مستقل حل لاءِ ڪين منظم ٿيڻ ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪري ٿي. ڇوتہ قدرت انهن عورتن ۾ وڏي ذات لڪائي رکي آهي، صرف انهن جي صلاحيت ڪي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. ۽ ڪين وسيلن تائين پهچ ڏيندي موقعا فراهم ڪرڻا آهن، پوءِ اهي سورميون خود ئي ڏونگر ڏاري ڏيکاريندي‌يون آهن ۽ جبل جيڏن مسئلن کي مات ڏئي ڏيکاريندي‌يون آهن. ۽ پنهنجي هنر کي استعمال ڪندي ڪنن جيون کي آسان بڻائي ڇڏينديون. سرسو اهڙين سورمين کي منظم ڪندي ڪين جاڳرتا ۽ سکيا جي عمل ۾ پنهنجي منزل طرف ڪارائتين ڪوششن ۾ رڌل آهي. ۽ سندن لڪيل ڳُڻ، هنرن ۽ ڪاميابين کي ڏسندي مختلف عالمي ۽ مقامي ادارا سنڌ ۽ پاڪستان سرڪار گهريلو سطح تي ڪم ڪندڙ اداري سرسو کي سڄ ڪار ۾ آڻڻ تي مائل ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ سرسو سان صحت، تعليم، پوليو، ماءُ ۽ ٻار جي صحت، ٻارن جا حق، بزرگن کي عزت وارو جياپيو ڏيڻ ۽ گهوڙن گڏهن جي فلاح ۽ ٻهبود جهڙا ڪم ڪرڻ لاءِ معاهدا ڪندا آهن، تہ جيئن پراجيڪٽ جو مقصد گهراٽي تائين پهچي سگهي، ڳوٺ ترقي ڪن، ملڪ خوشحال ٿئي ۽ ڳوٺاڻا تعليم ۽ هنر جهڙي زيور سان سرشار ٿين.



انهن سمورن پروگرامن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ فرنيچر، ڪمپيوٽر، اسٽيشنري ۽ ٻيو سامان خريد ڪرڻو هوندو آهي. ان لاءِ سرسو اندر ”حصولات وارو شعبو“ جڙيل آهي. ان شعبي کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ هڪ حصولات ڪميٽي پڻ جوڙي وئي آهي. جنهن ۾ چيئرپرسن ۽ ميمبر سرسو جي مختلف سيڪٽرن جا سينيئر شامل هوندا آهن. پوءِ سيئي گڏجي هڪ ٽيم ورڪ تحت پراجيڪٽس لاءِ ترت شيون فراهم ڪندا آهن تہ جيئن وقت سر سامان عملي تائين پهچي وڃي ۽ وقت تي ڪم کي بخوبي سرانجام ڏئي سگهجي.

**شعبي جي ڪارڪردگيءَ جو چارٽ:**



# سوهانجڙو *Moringa*



نثار احمد پناڻ
مئنيجر NRM

الله پاڪ جي ڪائنات بيشمار نعمتن سان مالامال آهي. جنهن مان انسان ذات ۽ سموري مخلوقات ڀرپور فائدو حاصل ڪندي زندگي جي بقا کي قائم دائم ڪيو وينا آهن. هر نعمت تي غور، فڪر ڪبو ته ان جي پويان اڻ ڳڻيا جوهر لڪيل آهن، جيڪي خدا جي خدائي وڏي واکي بيان ڪري رهيا آهن.

اهڙين بيشمار نعمتن مان سوهانجڙي جو وڻ به هڪ وڏي نعمت آهي. سوهانجڙو کي ڪجهه علائقن ۾ ”سهاندڙو“ پڻ چوندا آهن. هن وڻ مان 2 هزار قبل مسيح هندستان ۾ دوا ناهيندي ڏٺو ويو. هن کي “NEVER DIE” نه مرندڙ ۽ معجزاتي وڻ پڻ چيو ويندو آهي. پنجابي ۾ هن کي سوهاجنا، سرائڪي ۾ سوهانجهڙا، عربي ۾ المورنغا چيو ويندو آهي. جيڪو هندستان کان ڦهلجندو چين ۽ ڏکڻ ايشيا، فلپائن، مصر، آفريڪا ۽ ويسٽ انڊيز ۾ پهتو. هن وڻ جا 13 کان وڌيڪ قسم آهن. پر Moringa Oleilera وڌيڪ فائديمند وڻ آهي جيڪو پنجاب جي وارياسي علائقي، پراڻن ماڳن ۽ سنڌ جي جابلو پٽي ۾ عام جام ملي ٿو. پاڪستاني وٽڪاري ۾ هن وڻ جو حصو اوائي سيڪڙو آهي.

جديد سائنسي تحقيق موجب هي وڻ غذائي، طبي ۽ صنعت جي حوالي سان مالا آهي.

**غذائي اهميت:** هن وڻ جي گونچن ۽ گلن مان ڀاجي ناهي ويندي آهي جيڪا نهايت ئي لذتن، معدنيات، آئرن، ڪئلشيم، پوٽاش سان ڀرپور ٿئي ٿي.

هن ۾ پالڪ کان 25 دفعا وڌيڪ آئرن آهي.
آنن کان 4 دفعا وڌيڪ پروٽين آهي.
کير کان 4 دفعا وڌيڪ ڪئليشم آهي.
ڪيلي کان 3 دفعا وڌيڪ پوٽيشيم آهي.
گجرن کان 4 دفعا وڌيڪ وٽامن A آهي.
نارنگي کان 7 دفعا وڌيڪ وٽامن C آهي.
جَوَنِ کان 4 دفعا وڌيڪ فائبر آهي.
بادام کان 4 دفعا وڌيڪ وٽامن E آهي.
سائي ڪٽڪ کان 4 دفعا وڌيڪ وٽامن آهي.
ڏهي کان 2 دفعا وڌيڪ پروٽين موجود آهي.

هن ۾ زنڪ، فاسفورس وٽامنز پڻ موجود آهن. جن سان ڪيترين ئي بيمارين کان قوت مدافعت ٿئي ٿي. ڀاجي پچائڻ کان علاوه هن جي ڪناڻ، چٽني به ناهي ويندي آهي جيڪا نهايت ئي مزيدار ٿئي ٿي.

**بيمارين کان بچاءُ :** هن وڻ جي پنن کي سڪائي پاؤڊر ناهيو ويندو آهي. جيڪو تمام گهڻين انساني بيمارين جي علاج لاءِ ڪتب اچي ٿو. مثلاً: بلڊ پريشر، شگر، ڪينسر، الرجي، بدهضمي ۽ سنڌن جي سُور لاءِ پڻ مفيد آهي. هن جو استعمال اکين ۽ دماغ کي تازگي پهچائي ٿو، جسم جي واڌ ويجهه کي تقويت ڏي ٿو، جسم جي جِيو گهرڙن Cells کي طاقتور بڻائي ٿو، ڪوليسترول (چربي) جي سطح کي بهتر ڪري ٿو، گڙدن ۽ جيري جي ڪارڪردگي کي بهتر ڪري ٿو.

انساني جسم جي چمڙي کي خوبصورت ڪري ٿو، Antibiotic طور ڪردار ادا ڪري ٿو، طاقت ۽ توانائي کي وڌائي ٿو، سوچ گهٽائي ٿو. جسم ۾ رت جي گردش کي بهتر ڪري ٿو، حواس قائم رکڻ ۾ مدد ڪري ٿو. هن جي استعمال سان انسان پاڻ کي تازو، توانو ۽ چست محسوس ڪري ٿو.

هي فصلن لاءِ بہ مؤثر آهي؛ هن جي سُڪل پنن، ڪاٺين ۽ ٻانين مان سُڪل ياڻ ناهيندي ڪيميائي ياڻ جو نعم البدل حاصل ڪري سگهجي ٿو. فصلن ۽ سبزين لاءِ لاجواب واڌ ويجهہ (Growth regulator) طور ثابت ٿيو آهي. هن جو رس فصلن تي اسپري ڪجي تہ مؤثر نتيجا اچن ٿا.



**چوپائي مال لاءِ بهترين چارو :** هن وڻ جا پن ۽ ٽاريون چوپائي مال جي لاءِ بهترين خوراڪ آهن. سوهانجڙو ڪي ٻئي ياڙي ۽ چاري سان ملائي مال کي ڪارايو وڃي تہ کير ۽ گوشت جي پئداوار ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو.

**ٻيا انيڪ فائدا :**

هن وڻ جي ٻجن سان پيئڻ جي پاڻي صفائي ٿي سگهي ٿي.

هن وڻ جي تيل کي ٻارڻ طور پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ڇو تہ هن ۾ 40% تيل موجود هوندو آهي.

هن جي پنن ۽ ٻجن مان مرغين لاءِ ڪاڌ خوراڪ پڻ ٺاهي ويندي آهي.

هن وڻ جي تيل کي Process ڪندي گريس بہ ٺاهيو ويندو آهي.

هي هاري دوست وڻ آهي. هن کي واهن، دڳن، روڊ، رستن، عمارتن، اسڪولن ۽ اسپتالن ۾ پوکيندي ماحول دوست فضا قائم ڪري سگهجي ٿي ۽ موسمي تبديلين ۽ بيمارين ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي.

هي وڻ اسان جي چراگاهن لاءِ نهايت اهميت جوڳو آهي. هي جيتوڻيڪ آهي تہ وڻ پر هن جي برسيم وانگر بار بار ڪٽائي بہ ٿي سگهي ٿي. هن وڻ کي جيڏانهن ڦيرائجي تہ ڦري ويندو ان ۾ اهڙي خصوصيت موجود آهي. مثلاً: گول گيٽ ديوار، لوڙهو، باڊر وغيره ناهڻ.

**پوکڻ جو طريقو:** عام وڻ جيان هن کي پلاسٽڪ جي ٿيلهي وسيلي بہ ۽ سنئون سڌو زمين ۾ پوکي سگهجي ٿو.

**سنئون سڌو ٻوٽي کي زمين ۾ پوکڻ:** ٻوٽي کان ٻوٽي جو فاصلو 15 - 9 فوٽ هجڻ گهرجي. ۽ قطار جو فاصلو 6 فوٽ رکجي.

**ٻوٽن جي منتقلي :** مناسب سائيز پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ 2 کان 3 ٻج وڌا وڃن ۽ ڇانو ۾ رکندي نرسري قائم ڪئي وڃي. جڏهن ٻوٽا وڏا ۽ صحتمند ٿين تہ زمين ۾ منتقل ڪيا وڃن.

**قلم ذريعي پوک :** هن طريقي ۾ هڪ سال جي عمر واري ٻوٽي مان اڪ رڪنڊڙ ٽن کان ڇئن فوٽن جون شاخون ڪٽيون وينديون آهن. انهن کي لڳائڻ لاءِ زرخيز زمين چوندي ويندي آهي.

**ياڻ جو استعمال :** هونئن تہ زرخيز زمين هن ٻوٽي جي نشونما لاءِ بهتر آهي، پر وڻ جو سهپ جيتري يوريا يا وٿاڻ جو ياڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

**پاڻيءَ جو استعمال :** نون پوکيل وڻن کي ٻن مهينن تائين انتهائي سارسنڀال ۽ پاڻي جي گهٽي ضرورت پوندي آهي. هن وڻ کي چؤپائي مال کان بچايو وڃي. هن وڻ کي سنڌ ۾ عام جام پوکڻ سان مال جي غذائي کوٽ سان گڏوگڏ انساني جسم جي غذا ۽ بيمارين کان بچاءُ ڪندي هڪ بهتر ماحول پڻ پئدا ڪري سگهجي ٿو.

هن وڻ جي ڪاٺ کي ٻارڻ طور بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو. مطلب تہ هن وڻ کي غذائي ضرورت، دوائن جي پورائي، مال جي چاري ۽ آمدني وڌائڻ واري وڻ طور پوکي سگهجي ٿو.

سڀاجهي سنڌ ۾ رهندڙ ڳوناڻن کي گهرجي تہ هن وڻ کي وڌ ۾ وڌ پوکين ۽ بهتر خوراڪ ۽ ناڻو ڪمائين.

**




# سنڈ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس شکارپور روڈ سکر

فون 071-56271820    فیکس 071-5627182-111

ویب سائیٹ www.srso.org.pk